اَڪُنِ نيرا ڦُلَيا

شيخ اياز



شيخ اياز
آڪن نيرا ڦُليا (شاعري)
نيو فيلڊس (112)

سڪ سان نرنجڻ لاءِ

شيخ اياز

١ جنوري ٨٩ع

اَكنِيراقُليا

(شاعري)

اَکن نِير اُٿليا

(شاعري)

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1988ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **هڪ سؤ ٻارهن**

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن	آڪٽوبر 1988ع

قيمت 30/- رپيا

آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان 50/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

AKAN NEERA PHULYA (Poetry) written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition October 1988 Price Per Copy Rs. 30/-

فهرست

عنوان — صفحا

پبلشر جو نوٽ ۹

اياز جو خط 'آڪن نيرا ڦليا' بابت ۱۱

' آڪن نيرا ڦليا '

بيتَ ۱۷–۹۰

(۱)

سڄڻ جو ساريوم، نانءُ نه آندم وات تي،
ڪنهن جو پڇيو ڪيرُ آ، مام آنهيءَ ماريوم،
ڏوران ڏيکاريوم، چوڏهينءَ چنڊ آڪاس ۾ ۱۷–۲۳

(۲)

مُندر تي مڙندين، منهنجا گيت ٻُڌي ڪري؟
ڪاڏڙيا! ڪڙندين، ٿر جي چوڏهينءَ چنڊ جئن! ۲۴–۳۹

(۳)

آڇو ٿر چمڪي، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
ٽوسان ڪو جهمڪي! ڪڏهن ايندين سپرين؟.... ۴۰–۵۳

(۴)

ڪيڏو ناهه ڏرڙُ، ڪيڏي پٽ پوائتي!
لهوارو ٿي لٽڙُ، پوين نه پاٻار ۾ ۵۴–۸۳

(۵)

اڄان تنهنجيءَ جوت سان، روشن هي ڳڙ ڪيون،
پر جي بند ڪيون، مون هي اکيون اوچتو؟ ۸۴–۹۰

نظم، گيت ۽ وايون ۹۳—۱۵۰

آ رات لڙي اوڀار اچا/تن لاءِ ڀتن ۾ ڳولن ٿا.... ۹۳
ڪنهن ٿوهر هيٺان واريءَ تي/وسرامي آهيان روجهه جيان.... ۹۴
اي ديس! ڪڏهن تون آڻيندين/انبار گلن جا مٽيءَ تي؟.... ۹۵
ڪيڏو نه هوا جو شور هيو/چاچا چيز آڏامي وئي!.... ۹۷
هن اپگهات ڪان بهتر آ/ هو توکي ڦاهي چاڙهن ها.... ۹۹
جنهن وقت اٿي يلغار ڪري/هو آزاديءَ ڏي ڪاهيندا ... ۱۰۰
توکان پوءِ به بارش ٿي آ/برکا جي رت آئي آهي... ۱۰۲
بسنت جي رُت اچي وئي آ .. ۱۰۳
دور چنار مٿان آيو آ/ ڳوڙهو چنڊ هوا ۾ ... ۱۰۴
ڪنهن دوست مٿان ڪنهن دشمن وٽ/هو چغلي ڪائي آيو آ.... ۱۰۵
هيءَ آس جياپو آ پيارا/جو ڏڙڪو آهه غنيمت آ.... ۱۰۷
جي هي منهنجو ڏيهه ته مون تي/پهرا ۽ بندوقون ڇو؟ ۱۰۸
تون جي سمجهين مام ۾/ملبو آدي گام ۾.... ۱۰۹
ديس منهنجو آهه هيءُ.... ۱۱۰
ٿي لڙڪ ۾ واري آڏي... ۱۱۱
جنهن وقت ڏهر ۾ ڪنڌي تي/ٿو چنڊ اڀري، مان رويان ٿو.... ۱۱۲
فانوس ڪٿي هو چنڊ مٿان/ڪنهن لاءِ ڦري ٿو ڳلين ۾؟.... ۱۱۳
اي ديس آهوئي راڳي هان/مان تنهنجيءَ ساريءَ پيڙا جو.... ۱۱۴
سون شعلا شعلا گيت چيا/جئن تنهنجو چارو روشن ٿئي.... ۱۱۵
هي جو منهنجو ورثو آهي/تنهن کي ڪيئن وساريان آءٌ!.... ۱۱۶
اِهو چنڊ ۽ رات اگ جيئن آهي.... ۱۱۷
هي ٻنيءَ تي چنڊ آهي ۱۱۸
آءٌ تنهنجو منهن ڇهان ٿو.... ۱۲۰
ورِي رات ڳولي پٽي ڪڻ ڪيڏا.... ۱۲۱
موت ڪائي شيءِ نه آ.... ۱۲۲

نہ چئُان تہ مون سان ڪڏهن تون ملين؟ ١٢٣
ڪوئي تہ ٻڌائي پارَ/مون ڪي هُن پرڏيهہ جا! ... ١٢٤
هي جو آونداهو، رستو آهي رات جو.... ١٢٥
سنجهي سَنيُوڙا، وڃن پيا واٽ تي.... ١٢٦
پَٽيءَ ڪي بيهار،/ڏاڍو تيز وڃي پيو.... ١٢٧
اورنگيءَ جي اوٽَ ۾، ٻَري ٿو سنسارُ.... ١٢٩
ايڏِي اونهي ڪنانہ آ، ڪائي بہ ڪاهي،.... ١٣٠
جنهن وقت تري ۾ آئينو/چمڪي ٿو، چنڊ پسائي ٿو،.... ١٣١
آهي ڪاريءَ رات جو/پويون پهر اڃان.... ١٣٢
ڏاڍا ڏوپ نہ واسيا، ساڳيون جٺائون.... ١٣٣
واڳيي ڙ،ي واڳهي/توسان پئُہ پنهور جي.... ١٣٤
ونُ تہ اڃان سائو/پڪڻ پراهان ٿي ويا.... ١٣٥
جَڙون مون ڪيئي/پهتيون جي پاتار ۾.... ١٣٦
اڇين ٿو اوٺارَ/جهُوڙا جهمڪن ٿا پيا.... ١٣٧
سپنا سِگهيرو/جي تون ساپيا تي وڃين!.... ١٣٨
منهنجهي پيراندِي/ڪيئي ڏاها ڏيهہ جا. .. ١٣٩
وري هو قَرڙا/وڃن پيا واٽ تي. ١٤٠
سڀ ڪانَ وڏي ڳالهہ هيءَ.... ١٤١
ٻُڪہٗ وکهي چا چا نہ ڪيو ٿا.... ١٤٢
ٿا چاندوڪيءَ ۾ ڏيک ڏين.... ١٤٦
چپِئُن منجهہ چپُنَ/ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.... ١٤٧
سرخ گهوڙي سوار!.... ١٤٨
جي نہ مان تنهنجو ضمير/مان لڪانڙ چا لاءِ ٿو؟.... ١٤٩
ساري قوم بہ ظلم ڪري ٿي ... ١٥٠

اڄ جي سڀ کان وڏي اسان جي شاعر محترم شيخ اياز جو نيو فيلڊس طرفان نائون شاعريءَ جو مجموعو شايع ڪندي اسان کي بيحد گهڻي خوشي ٿي رهي آهي. محترم شيخ اياز جي هر نئين ايندڙ شاعريءَ جي مجموعي جو پڙهندڙ گهڻو بيچينيءَ سان انتظار ڪندا آهن. گذريل ٽن سالن جي مختصر عرصي ۾ محترم شيخ اياز جيتري شاعري ڪئي آهي، سا پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ بي مثل ڪارنامو ۽ اسان لاءِ ۽ اسان جي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ، وڏي فخر ۽ شان جي ڳالهه آهي.

هي شاعريءَ جو ڪتاب 'آکن نيرا ڦليا' ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. هڪ ڀاڱو بيتن جو آهي ۽ ٻيو گيت، وايون ۽ نظمن جو آهي. بيتن وارو ڀاڱو وري پنجن حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي، جيڪي پڻ پنهنجي پنهنجي موضوعن جا حامل آهن، جن کي سندن لائق پڙهندڙ پروڙي سگهن ٿا.

هن وقت تائين نيو فيلڊس طرفان محترم شيخ اياز جا ڪل ١١ ڪتاب شايع ٿيا آهن (هونئن ته سندن ڪل ڪتاب هيلتائين ٢٥ کان مٿي ڇپجي چڪا آهن)، جن مان چار هن وقت به اسان وٽ ختم ٿي ويل آهن. سندن ٻن ڪتابن 'ڀڳت سنگهه کي ڦاسي' ۽ 'ساهيوال جيل جي ڊائريءَ' جو اسين ٻيو ايڊيشن به شايع ڪري چڪا آهيون.

هن موقعي تي محترم شيخ اياز جي نون ڪتابن جي مستقبل قريب ۾ اشاعت جو اعلان ڪندي اسين انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. اهي ڪتاب هي آهن: 'ڪراچيءَ جا ڏينهن رات' (نثر)، 'جهڙ نيڻان نه لهي' (شاعري)، 'ڌرتي منهنجو ديس' (نثر)، ۽ 'روس جو سفرنامو'. هنن چئن نون ڪتابن کان علاوه محترم

شيخ اياز جو اڳ ۾ شايع ٿيل مشهور شعري مجموعو ’وڄون وسڻ آيون‘ پڻ ڇپائيءَ هيٺ آهي، ۽ اميد ٿا ڪريون ته ترت ئي اهو پڻ اسين پنهنجن لائق ڪرمفرمائن تائين پهچائي سگهنداسون.

گهڻي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪافي خيال ۽ ڪوشش ڪان پوءِ به زير نظر ڪتاب ۾ ڇپائيءَ جون ڪجهه غلطيون رهجي ويون آهن. عزيز پڙهندڙن کي گذارش آهي ته ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل پلنامي (صفحي ١٥١) تان ڏسي، اهي سڀ، ننڍيون وڏيون غلطيون درست ڪري، پوءِ ڪتاب جو مطالعو ڪن. اداري تي اهو سندن عين احسان ٿيندو.

— ادارو

مسقط
١ آڪٽوبر ١٩٨٨ع

پيارا فيروز،

مون جيڪو مئي ٨٨ع ۾ "اکين نيرا ڦُليا"
، فارم وليسه بيت، وايون، ڪيا، نظم ها ته مون اتي پڙهيو هو ته سندس
جي جيجي جي ڪي شاعري جي پنهنجي منظر ۾ آهيان. في الحال
مون، سڀ ايڪڙ ٻيڪڙ پنهنجي "اکين نيرا ڦُليا" جا رباعي
نثر جي پنهنجي منظر سان ڪيا آهن. باقي سمنڊ، جبل، آمر،
وچولي ۽ ٿر جي پنهنجي منظر سان ٻيو، منهنجي اينٽر ڪتاب،
جهڙيءَ نشان، ٺلهي ۾ ڏنا ويل جو نئين ترتيب آهي.
"اکين نيرا ڦُليا" جي حوالي سان مون پنهنجي نثر جي ڪتاب
"رڪارجي ۽ جاڏيهن رات" ۾ شعر جي تخليق جي باري ۾
ڪافي لکيو آهي ۽ جلد ئي اهو ڪتاب تو ڏانهن اشاعت لاءِ
موڪليندس. مان اهو هئي سيجهڻ ڇڏرائي نه ٿو چاهيان.
گذريل مهيني جولاءِ صاحب مسقط آيو هو ۽ اسان پنهنجي گڏجي انٽل
وڃي ڪالڪ ماڻ ڪٿي هئي جنهن ڏوڪالڪ منهنجي اردو ڪلام
جي مجموعي "نيل ڪنول" اوهو نيم ڪي پيت" جي پروفن ڏٺا سو ٿي
لڳا هاڻ ڏهو ڪالڪ "اکين نيرا ڦُليا" جي پيهڪ جون ستائيون
ڏيڻ ۾ لڳا ها. مون سارو ڪتاب پڙهيو هو ته پر جو ڪي صاحب
ڏنا ته سان بڌي چنهو هو ته " مان چاهيان ٿو ته

۽ معنيٰ نيرا ٿلها، ڪي مونجهارا رهن، سنڌي ٻوليءَ جي وصف،

هم گيري ۽ جادوگريءَ تي هيءُ ڪتاب لکان پر سردست مون کي

اها ڳالهه چڱي طرح سمجهڻ تي اچي جا مان لکڻ چاهيان

ٿو. باقي مان ان تي هڪ علحده ڪتاب ضرور لکندس.

مان چاهيان ٿو ته جوليو صاحب اهو سيکي هن ڪتاب تي

مقالو ۾ لکي ۽ فقط انگريزيءَ ۾ ڇپائي (مون) ته هو ڪتاب

هن سان منسوب ڪيو آهي ٻوليءَ جي جادوگريءَ تي جهڙو

هو لکي سگهندو، اهڙو ٻيو ڪوئي لکي نه سگهندو.

تنهنجو

شيخ اياز

انتساب

پنهنجي پياري دوست ۽ عظيم محسن
محمد ابراهيم جويي جي نالي

شيخ اياز

أَحزنيراقُليا
(شاعري)

مُون چيو مَينديءَ کي، اُٿي ڦُٽي پَوءُ
"مُون کي ڪيئي سَوَ، رَتا گُهرجن هَٿڙا"
(شيخ اياز)

سڄڻ جو ساريوم، نانءُ نہ آندم وات تي
ڪنهن جو پڇيو ڪير آ، مام اُنهيءَ ماريوم
ڏوران ڏيکاريوم، چوڏهينءَ چنڊ آڪاس ۾.

سڄڻ سان سُرباتَ، ساري جڳ بڌي پئي
ڏَسان ڏَس وئِي ڦهلجي، اُن مان نڪري لاٽ
اڄ سيئي گهرگهاٽ، اُن سان گونجن ٿا پيا.

* ڪڙو آهہ ڪڙاهہ تي، ڪري چنڊ چٽاءُ
آڏيءَ اُتي آهُ، لڪي ساري لوڪ کان!

** مَروئي مهڪارَ، اچا اڱڻ سُپرين!
اچين جهي پيهارَ، مَهڪي سات سُڳند سان.

پرينءَ جو پهراڻ، جهڙي باڪ بسنت جي
آهي اڄ مون ساڻ، چڻ ڪو گل گلاب جو.

سَرتي سويري، وهنتي جيئن تلاوَ ۾
آيا اُن ويري، ڳپرو ڪيئي ڳوٺ جا.

---

* ڪڙاهہ — لوڙهي جو لنگهہ؛ ڪونيٽ جو ڏار، جو سمهڻ وقت لوڙهي ڪــي ڏئي ڇڏبو آهي.
** مَرُوئو — ٿر جو هڪ سُرهو ٻوٽو.

اڄ منهنجون تن سان هيون، راتيون ريشم جان
ڪلهه جي مون توسان، گڏ گذاريا ڏينهڙا.

مون تي تنهنجون سانوريون، ٻانهون ولين جيئن،
ڳهاريان هوند، نه هيئن، مان هي آرهڙ ڏينهڙا.

اڪين اڄ به ڏٺيون، پر نه اڳي جيئن ٻڪ سان
* انبوهيل ڳدريون، ڳوري تنهنجي ڳچ ۾.

وارن کي جهٽڪو ڏئي، هٽايئه پنتي،
چنڊ پيو تاڙي سڙ، مان توکي سندري!

ڪارونجهر تي اوڙڪون، اڄ به سا ڳا مينهن،
ها، پر جوڀن ڏينهن، رهي رهن ڪينڪي.

سٽ نه سهن سيءَ جي، هاڏي منهنجا لڱ
ڏڱ به کهڙا ڏڱ، ڌرتي تنهنجي ڌوڙ ۾!

ڳهڙ ۾ رکي ڳنيڙي، ڳاڙيندي ڳوڙها،
وڃان تي پوڙها، توسان ڳهاري ڏينهڙا.

---

* انبوهيل ڳدريون — ڳدريون جڏهن پچي لڳنديون آهن ته پهرين پيليون ٿينديون آهن، انهن کي ”انبوهيل ڳدريون“ چئبو آهي.

اٿڻ ڪٽيندي ٿي ڏسي، هُن ڏي آڏيءَ اک ۾،
ڇا هيءُ ٻيءَ ڪنهن ٻڪ ۾، مون وَرُ آڏيءَ رات جو؟

پايَل، تنهنجي ٻڪ ۾، رات گذاريم ائين
باک ڦُٽيءَ جو جيئن، مون گهر ۾ رُوهيڙو ڦٽي.

* هوءَ ڊاگهي ۾ ڊيل جئن، بيٺي آهي ڪير؟
آئي آهه سويرَ دلو کڻي ڇيلهه تي!

پايَل ڙري پايَل! نڪري ڪالهه نيات مان
اڄ ايڏي گهايل، کهڙي ڏَس وڃين پئي؟

** لوئيءَ ۾ ٿي تون وڃين، ڪانيا لڪايو،
مون من ٻڪايو، توڏي هر هر ٿو ڏسي.

ايڏي لسيءَ گهرَ، ليٽي پئي لانڍ ۾؛
ننڊ به ڪائي لهرَ، چوري پرينءَ ڪَڇ ۾.

ويڙهي وئي آهين، هاڻ ته منهنجي مَنَّ کي!
جاڏي ٿي ڪاهين، تاڏي آءٌ وڃان پيو.

---

* ڊاگهو — ٻن پٽن يا دڙن جي وچ ۾ ڪُئنري زمين.
** ڪانيا — عورتون سنگ لڳي، جهوليءَ وجهنديون آهن،
جنهن کي ’ڪانيا ڪرڻ‘ چئبو آهي.

هي جو منهنجو هينئڙو، هاڻي وس ۾ نه مون،
آهين تون ئي تون، مون کي مون ڏي ٿي ڇڪين!

واري ڇڏيو مون، توسان ملڻ آسرو -
پوءِ به تون ئي تون، ڇا جي لاءِ تنوار ۾.

تون جا مون ۾ ٿي وسين، مون ۾ ئي رهندينءَ
مون سان گڏ کهندينءَ، اونداهي آڪاس ۾.

هاڻي آءٌ به تون، دور به تنهنجي ويجهڙو
پر هڪڙي سان جيئري، شايد ڪونه ملون،
پوءِ به منهنجي مون، تون ئي تون منهنجا پرين!

وينگس ڦلڙي نڪ ۾ پايو لڏي ٿي،
سانجهي ٻڏي ٿي، تارا اڀريا آڀ ۾.

اکڙين مان آئي پٽي، ڪيڏي آس هوا!
پياري! هيئن سدا، تو ڇو گهڙڪيون ڀوتيون؟

آئي آهي پاڻ کي، سپني سان ڏوئي،
اهڙي نيروئي، آءٌ نه ڏٺي سندري!

سڀ کي ڪيڪاري، هر ڪي منهنجي هنج ٿي،
ساري جيئاري، هر هر مون هيئون ڪيي!

ڪيڏو وئينءَ سُندري، منهنجو من موهي!
مون کي ڪنهن چوهي، تنهنجي ڇَپ ڇڪي پئي!

هي جي، پائي پوتڙا، سارو ڏينهن سَڙن
تن جي نِنگي تَن، ڪيئي سج سمائيا.

ڏونر جي ٽانڪين پري مٿڪي پرت کي،
جُهڙن مان جهانڪين، ڇُپي تن جون چاتڙيون.

گونتي تارون، گهاگهرا، لوبون، لوهاٽيون
وَرَ وَرَ آماٽيون، جي مون سارَ سٺاءَ ۾.

هيءَ جا سوناري، پائي آئي پانڌڙي،
مون من پلهاري، چوڏهينءَ ڪان به چڱي لڳي.

اِنهيءَ تي افسوس، هيءَ جا جائي ڪوجهڙي،
هُن ڪئن پليو سوس، مرندي تائين سونهن ڪان!

ڪيئي پٽڙا، ڪنجرا، چُنيون ٽيون چمڪن
تڏهيءَ ٽريچن، مون من رتو رنگ ۾.

هو جي ٽڪراٽيون، جن جا نيرا گهاگهرا،
هو جي جيسلمير ۾، مون ڪلهه آماٽيون،
واڙون ويگاٽيون، تن بن سانوڻ مينهن ۾.

* چوڌاري ڇنوبرن، ڏونر ڏونر ڪَنڊِڙيون
جن ۾ لوڙياريون، چوٽيءَ ڦُل وِڄهن
ڪيڏا منهنجي مَنِ، سپنا سونهن سمائيا!

ڪٿِن هوءَ ڦٽي ڪات جي، وارن کي ڏيئي
سوچي سنجهيئي، پيئي ناهي ڪنٽ" کي!

ناري، ڦٽوتو، هٿ نہ لڳڙي آرسي
چوڙيائين چوتو، پرسان مور پري ڪري.

سانئڻ! هي سوني ڦُلي، ڪٿان آندي تو؟
چڻ ڪوئي تارو، ڇيڪايو تو چنڊ تي!

تا بُوليءَ ۾ گهُنگهرو ڇمڪيا ويڙهه وچن
ڪيڏو روح رڇن، گهڻڻ گهڻ جي گهيراوَ سان!

ڍولڪ، ڍاٽيڙو، تارن اکيون ڇنيون!
ايڏو اوسيڙو، آ ڪنهن جي آواز ۾؟

هٿن منجهہ ڪڙوليون، ڪنن ۾ ڪڙڪون،
چا ٽي سوچين تون، ڪالهہ رليءَ ۾ ڪير هو؟

تنهنجون منهنجون آڄ الڳ، ريتيءَ ۾ راهون
جوئين جون ٻانهون، ڏاتوري جون وليون!

---

* ڪنڊڙيون = سوني ڏاڳن جون چوٽيون.

چوٽَ نہ ساڳي چنڊ جي، درد نہ سي دانهون
اڄ نہ سي آهون، چئنُ اچي ويو چرٽ کي!

هيءَ ٽڏڙيءَ جي راتِ، ٽڙ ۾ ڪيئي ڪولهٽيون،
ٽاڙيون وَڳيون اوچتو، ڇيري ڇُپ ڇُپات،
آئي تنهنجي بات، راسُوڙا رڪجي ويا.

ڦيري پنهنجا ڏانديا، وَر وَر ڪَتڙڪا ڪن
جن جي ٻيرين گهنگهرو، ڇمڇم سان ڇمڪن
ساري رات تَڇن، چانڊوڪيءَ ۾ ڇيٽ جي!

هوءَ ڪاوَن سان ٽوپڙي ڪنهن لئہ ٽي ٽاهي؟
اڇو چا آهي، ڪوئي نيري سمنڊ مان؟

پائي مٽيا ڪانچ جا، چوري ڇاتيءَ تي،
هيٺان هيرن کي، ڇاجي لاءِ لڪائيين!

چمڪن ڪَنن ڪيوَتيون، وڄ وراڪا ڏي،
آيا ٻنيءَ تي، ٽَرَ ٽريچا وَس ۾.

هي جي راتيون ريشمي، تنهنجي ڳلن جان،
ڳچيءَ لائي مان، توکي ساريان سندري.

مون روکي هٿ سڌ کي، تنهنجي سڌَ ڪٽي
ڇا مون عمر وڏي، سڌرڏي تنهنجي سار ۾؟

———

(٢)

* مُندر ڏي ميڙندين منهنجا گيت پڌي ڪري؟
ڪائُڙيا ڪِڙندين، ٿر جي چوڏهينءَ چنڊ جئن!

ورڻ‌ريءَ لَپ پَري پيٽَن، هي جڙي پنهنجا يار
** سانيڪا، سنگهار! پري تن جڙي پهچ ڪان.

o هيءَ جا منهنجي شاعري، ڪانڪِهه وارو لَڪ
جنهن ۾ ڪوئي ڏَڪ، مٿور نه ڏِسندؤ مارُڏو!

هي جي مون وٽ هيرِ، اهڙا بيت نه اڳ هيا!
oo آءٌ چڏيان تو سانيو، پٽڪولي تي پيرَ؛
توڙي آهه آويرِ، آءٌ آئين ٿي پنڌ ۾.

---

* مُندر — پِـ پٿون جيڪڏهن ڪُنب وٽ گڏيل هونديون آهن ته گڏيل هنڌ جتي هيٺاهين زمين کي 'مُندر' چئبو آهي.
** سانيڪو — سٺ پرهه اونهو کوهه.
o ڪانڪهه وارو لڪ — لڪ جو نالو. آن ۾ ڪانڪهه جا ڪيئي وڻ آهن.
oo پٽڪولو — ڏهـرن ۾ سخت زمين، جتي واري اچي ٿي. ميرانجهي هوندي آهي.

جڻيءَ سڙاڪا اڇن، وڇين ٿو ڪيڏانهن؟
چنڊُ به چڙ تيڏانهن، توسان گڏجي ٿو وڃي!

پوني مٿان پيار جا، قدم ويا جي
آهن اڃ به اُتي، ڇاپَ ٻڌين ٿو ڇپُّ ۾؟

* هي جو اُيراٺو، وڃي پيو وات تي
اڃا نه ساٺو، توڙي سڄ لهي ويو!

مون ڪُهنبا ڦِهرائيا، ڀهگِڻ ٻوليءَ کي
اِئن پيو ڪيرُ چوري، ڏوهيڙا هن ڏيهه جا؟

ٻگهڙ اُيرٺي ٿا اچن، ڪارونجهر جي واٽَ
ايڏي اوچي ڳاٽَ، راڳيي وڄ نه روهه مان!

ڪارونجهر ۾ ڪيترين، پاري ٻلائون،
اُنهن مان آئون، وڃان پيو وِترو.

هي جو ڪوهه ڪُٺي نه ٿو، تنهن جا ڪوهه پِرَهه؟
ڪيڏي اُنِ جي ڪَهه، پار وئي پاڌار مان!

---

* اُيراٺو ـــ بنا جڻيءَ جي.

پوئينءَ ويرَ ٻه ڪَـهُـَ، ٻڪتي ساهه نه پيرڙا،
روهه نه وِيهي رَهُـَ، متان سج لهي وڃي!

هيءَ جا منهنجي ڏوهٽي، چوي ٿي ”نانا!
”لکين ٿو چاچا، آٿي ايڏو ساجهري؟“

هوءَ نه ڄاڻي آءٌ اڳ، سج کان اڳران ٿو
ٻُ پو ترسان ٿو، اُن جي آڏرياوَ لئه!

* ڏات نه ٽويهي جيئن، ڪوهه ڪُٺي ٿي ڪونه ٿو،
هوءَ جا پاڻيءَ ٽِڪَ آ، ڪوسَ ڪناري سيئن،
وَرتِ اُنهيءَ کي ڪيئن، پهچي ٿي پاتارِ م!

** ميان! ڇڪي چونه، ٻَدين ڪڏهن تنگ کي؟
اڇا تو لئه اونَ، اڳتي پوئتي پاڪڙو.

o ناهي منهنجي لاءِ ڇا ويندي پيلاسو؟
oo وٽيي هڪ پاسو، ڇا مان سورانگهي چڙهان؟

---

* ٽويو — پاڻيءَ جي ننڍي کڏ.
ٽِڪ — آرسي
وَرت — رسي جا چمڙي مان پٽا چيري، وٽي وجي.
** جيڪڏهن پيٽ تي چڙهڻ يا لهڻ مهل تنگ ڇڪي ٻَدل نه هوندو ته پاکڙو اڳتي پوئتي ٿيندو.
o اُٺ تي ٻه ڇٽا چڙهيل هوندا آهن ته اُن کي ’پيلاسو‘ چوندا آهن.
oo ٽنگون هڪ پاسي ڪري ويهبو آهي، ته ٽڪ نه ٿيندو آهي: اُن کي ’سورانگهي چڙهڻ‘ چئبو آهي.

گيت ڳيا هئي ڳائيندا پيرندي تن سان ڳئون،
ساري رات ڳئون، ور ور مون سان گونجنديون.

* هي جو تاري جو وڻ، مارڻ ناهيو مون،
مٿان ڳائين تون، منهنجي عمر ائين وئي!

رات ته آمڙ ڪُڪڙ ڏينهن ڏڙائي آدمي،
رات ته آندا سُڪ، سپنا سڀ ساٿيهه جا.

** مجر ڪنهن موڙي، ڪيڏا ڪالهه پٽيا پٽيا!
ڇو ٻه پيو توڙي، ڪوئي سگر ڪنڌ مان!

o مٿان ڳائين ٻرڪيٽا! چيڙهن ڪنڊن جيئن،
بيٺ سدا تو سيئن، ساڳو تن جو چانورو.

oo ڪيڏا سُوئيڪا ڪنڊا، ڪانئيون جن ڪاريون،
اڄ جي مون ڳاريون، اونده آندو ڪار ۾!

---

* پٽ تان چڙهڻ يا لهڻ جي واٽ، جا پٽ جي چوٽيءَ تي رستي سان وڃي گڏبي آهي، ان کي تاري جو وڻ چئبو آهي.
** مجر ــــ بهار ۾ ڪنڊن ۾ ٻور، جنهن مان پوءِ سگريون ٿين.
o ٻرڪيٽا ڪنڊا ــــ جن جون تاريون هٿ سان موڙڻ ڪري ڀڄي پون.
چيڙها ڪنڊا ــــ جن جون تاريون موڙڻ سان ڪونه ڀڄن.
oo سُوئيڪو ڪنڊو ــــ سؤ سالن يا ان کان وڌيڪ پراڻو ڪنڊو.

ناهي سمنڊ اَنت ڪان، اڳ ۾ ڪو وِسرامُ،
جيسين پاڻُ تمامُ، اوتين پنهنجي اوٽَ ۾.

ڀِينگهان ڪيئي پارَ جون، لُڏن ٿبون تو لاءِ،
اڳتي وِکَ وڌاءِ، پير نہ ساهج پنڌ ۾!

ڪارِي ڪبڙ منٿهين، سُرو ڪائي ڪونہ،
سا تون آڏين چونہ، واريءَ تي وڙاهَ ۾؟

آءٌ نہ ٻُجهان جهٽ ۾، مان جئن ڪنڌيُن باهہ،
صديون پيو سڄاهہ، چِڻنگن مون کي چِٽ ۾.

* ڦِکل نِموري، جيئين هُڙئي ڇهنب ۾،
باقي ڪجهہ ٿوري، عمر اسان جي ساٿيو.

** هو جي ڏنئي ڏونگريءَ، ٻپُرَ گهاٽا وڻ،
مون ۾ اِئن ڪارڻَ، لاٽا ڪيئي جهُمڪَنِدا.

o هيءَ جا ٻِپُرَ وڏ جئن، منهنجي ڏکي ذات،
ڏِسُ تہ راتو رات، ڪيڏي گهاٽِي ٿي وئي.

---

* هُڙيا نموريون شوق سان کائيندا آهن.

** ننگر پارڪر کان ڏونگريءَ ڏانهن وڃبو تہ رستي ۾ گهاٽا ٻپرَ ايندا.

o ٻپرُ وڏ کان پوءِ گهاٽو ۽ سائو ٿيندو آهي.

* هي جي گُرسَ هزارَ، تنهنجا واريءَ مان ويا،
تن سانڍِي آ سارَ، تُنهنجِي سارِي پنڌ ۾!

** آڪَوارِي مان ڪوهه لئه، ورت تہ ڏاهين ٿو،
ڪڏهن لاهين ٿو، ڪوسَ اسان لئه اُڃ ۾؟

باقي جيڪي ڏينهڙا، جڙي تون منهنجي ذات،
ڪرين پنهنجي ٻات، ڏنُ نہ ڏئين ڏيهہ ڪي.

هو جي آدم ذات، ڳهليون ناهيون ڳالهڙيون،
ڏي تون منهنجِي ذات، ڪنُ نہ تن جي ڪوڙ ڪي.

ڇاڻي ڪيڏيون پيرڙيون، جهوليون پريون تو،
ڪيڏو نہ اونو، سائين تو سائيهہ جو!

ٺاريُن ڪندا ڪيترا، ڇيڙَن ڳاڙها ڳُل!
ڇا هيءَ ٿوهرَ ڀُل، جو هو ڦُٽو ڀٽّ تي؟

هي جو ڪاٺڙَ ڪوهُ، ڪُٺيِي ڪُٺي ڪينڪي؛
تَتي ڏينهَن ڪَڪُوه، پاڻي اُن جو پانڌيا.

---

* گُرس — واريءَ ۾ پير جڏهن اندر هليا ويندا، تڏهن جي ڪڏا ٿي پوندا آهن، تن کي 'گُرس' چئبو آهي.
** آڪَوارو — آڪ مان نڪرندو آهي جنهن کي وٽي، وَرتون ۾ رسا ٺاهيا آهن.

چارڻ ايڏو مُرڪ، تنهنجي ٻِڪ لهي ٿئي!
پر ۾ تنهنجي پُرڪ، ٻيائي ڪنهن کي لپ جيترو!

چارڻ مُرڪ ته ايترو، تو وٽ آهه پيو،
صدين لاءِ ڪيو، چڻ تو ٻيلو ٻُڪ جو!

هي جو وهنت وجود جو، ايڏو تون نه ٿڪاءِ،
بس هي کوس چڪاءِ، ٻو ويڙهي رک ورتن کي!

وڙي مَيان، ٻَردي کي ٻيهر ٻڌين ٿو!
ڪيڏو ورتو تو، پورهيو اِن ڪان پند ۾!

وري منهنجي ذات، مُون تي اڳ جئن ٿي وسين،
چنڊ نه ڪاڏي مات، جهڙ جهاڳي نڪري پيو!

ور ور پنهنجون جهوليون، ڏيهه پري ڏيندي،
چيڙ چونڊيندي، ٻڌو سج نياڻ ۾.

روز ليکي سوچان پيو، باقي ڏينهن گهٽا؟
ڪُپڙيءَ منجهه ڪٽا، اڃا آهن ڪيترا!

ڏهن ڏياتيون هيون، ڪلهه منهنجون واين،
اڄ تن اوچايون، تارن تائين آپ ۾.

ہ

”اڄ به اُهو آن ءُ؟“ سوچيم ڏسي آرسي،
جنهن جو شهر نه ڳاڻءُ، آخر تائين اجنبي.

ڏاڍو پنڌ پري لڳو، ٿرن ٿڪايو،
اکين ۾ آيو، اڄ ڪنجهه ساڌوڻ سپنهن جئن.

متان منهنجي مڌ ڪي، ڳولين ٻي ڪنهن مٽ؟
ناهي هرڪنهن هٽ اهڙي ڪاندي ڪلال جي.

تار ڪري ڏي ايئن، سڄ اُفق تي جئن اڇي!
پيالو پريئم ڪيئن؟ آءٌ نه آڌورو پيئان.

آهيان آءٌ به تون، تہ پو نهارون ڇا هين،
هي جيڪي چاهين، توکي ايڏو چاهه مان؟

* جيڪي هيو ڪوهه ۾، سپ نه پيو آهه،
تيسين هڏ نه ساهه، جيسين اندر اوتجي.

رات رچيندي گذري، هان، هيءَ ڪؤنا ڏس،
اوجاڳي آرس، ڪيڏو منهنجي اکين!

---

* آهه ـــ کوه تي پاڻيءَ جو حوض. ”جيڪي کوه ۾ هوندو، سو آهه ۾ پوندو.“ ـــ هڪ پهاڪو.

ڪِڏهن ٻپَهرَ چانوَ ۾، تو سان ڪو ويلو!
تون جو آڪيلو، سارو ٽرُ ٽيلهين پيو،

پيو آءٌ ڏسان، اڄ تہ ٻيهي پنڌ ۾،
* ٽنيءَ رڳُ جيان، ٽاري-وڏو واٽ تي.

ڪيڏا ڦُول ڦلاريا، آيو-آهہ بسنت،
پر هي منهنجو آنتُ، جنهن مون کي مُرجهائيو!

هي جي لهرُون سمنڊ جون، سدائين گهريون،
ڪيڏو اُڀريون، پوئين پهر آپاز ۾؟

ڏاتِ بہ اهڙو ڪوهُ، ڪَٿي ڪَٿي ڪينڪي!
پانڌي! چڻ تہ ڪڪُوهُہ، پاڻي اُن جو پياس ۾.

چڻ هيءَ منهنجي شاعِري، ڪٿيءَ تي اوٽي،
شال اچي موتي، سِڪ اوهان ۾ ساٿيو!

ماڻي ٿو ماڻيان، اڄ ڪلهہ باکِ بسنتِ جي،
چاڻي ٿو چاڻيان، پير ڪُٿن ئي ڪونہ ٿا!

* ٽاري-وَڏو ـــــ گهٽيءَ اچ وَچ سان گهاٽي گاهہ يا جهنگ ۾ سنهو گس ٺهي پوندو آهي.

نيٺ تہ ڏرتيءَ جي رلي، هرڪو ٿو پائي،
ڇا لئہ گهبرائي، ڪوئي ڪنهن جي ڏاڍ ڪان؟

ٻوليءَ جوين ونُ، پوڙهو ٽيندو ڪينڪي،
اَجُ بہ منهنجو منُ، سائو ساڻون جهنگ جان.

سوڻيءَ جيئن سٺي، ڪيئي ورهيہ وجود ڪي،
ميرو من مٺي، مون ڪي آڇيئہ اُجرو.

هُوءَ جا اُڏاڏِي، ڇرڪيِر، ڇيڻين وانگيان،
اجهو اُجهاڏِي، ڪويل پرندِي ڪيترو!

پاڻيءَ ۾ پاڇو پيو، ماريل آڙيءَ جو،
ڏوران آءٌ ڏٺو، وہ ۾ ڪنڌُ لڙي پيو.

هو ڪمريءَ سان ڪيرُ، ايڏيءَ ڪاريءَ رات ۾؟
پرتي جنهن جو پيرُ، ٻيٺو وجي ٻاڪ تي؟

ٿر تي ڪڪرَ ڪنٺ ۾ هَسّ هُجي ڪو جيئن،
منهنجي ڪوُتا ايئن، اندلٺ ٿي اُپري.

ڇا مان ڇپيءَ جيئن، ڪائي پنهنجو پاڻ ڪي،
اُپري آڏيءَ سيئن، جرڪايان ٿو جندڙيون؟

چرَ جئن منهنجي چاڻ، سارو جڳ جُرڪائيو،
پاڻُ وڃائي پاڻ، پاتو پنهنجي پاڻ کي.

ساڳي خوشبو ڏِين، ڇِڄي گل" گلاب جا،
وڃي آمر ٿِين، ڪوڙي مرن ڪينڪي.

مٿان ڪانهه لپاٽ، تو جئن سو آيا ويا!
وڏي پرڪ پهاڙ، پيرا ڪٿي پانڌئين!

بادل پرندا باهه سانءِ؟ جلائين ڇا تو؟
ميان! ڪڏهن تو، پڙهي منهنجي شاعري؟

چڙ سارو پاڻي، سانداري مان ويو ڪپي،
اُڃ" نه اُجهاڻي، پنڌ پيو آ ڪيترو!

مُند سوا وڏڪار ۾، ڦيرو نه پائين!
آرهڙ ۾ آئين، سِگُرَ لاهڻ سانگيا!

پِلُو آهين پاٽ، وڪڻي پيو وائيون،
پلا ڪنهن چمڪات، وڪيا آهن وڄ جا!

آئي آنهه سُڄاڻَ، ڪنهن جي منهنجي ساهه ۾؟
مون کي منهنجي پاڻَ، سپ ڪان ڪيو اوپرو.

هرڪنهن لنگهڻ ليئي، تنهنجا پير تڪيا پئي،
هرڪنهن واٽ ڏٺي، تو لئه واجهايو پرين!

ڪوهه ڪٿي ٿي ڪونه ٿو، چيڪيون پيو چِڪ!
ڏڪيون پيو ڏرڪ، ورِي ورِي وهٽ ڪي!

ڪتڻ واريون ڪيتريون، اچا آٽڻ تي،
تون ٿي آئٽ ڇڏي، ڪنهن چاٽان ڪاڏي وئين؟

گهر ۾ پنهنجي گنيڙي، ڇڏي وئين پوڙها!
مون ته ٽپيا لوڙها، پر تون ويٺو رهين.

هين سُندر سنسار کي، ڪيڏو ٿيي چاهين!
او شل! اُن جي تُوڙ تي، پهچي پراهين،
جيڪر نباهين، ايڏيءَ ساريءَ سُونهن سان!

مون وٽ پيو ڪُجهه ڪونه آ، هين ڪان سوا هاڻ،
آءٌ ڪويتا ڪاڻ، سارو جيون واريو.

ڪاٻ گجهارت ناهه هيءَ، اڙي گهيلي!
تنهنجي سهيلي، آ چانڊوڪي چيٽ جي.

ڏٺي ڪائي نار، ٽٻي جيئن نياڻ ۾،
ڪؤتا مون هن وار، ائين آهه سمائيو.

سرِي جي سرُهاڻ ۾، جنّن مڏ ماتو تانءِ،
اڄ تنّن منهنجو هاڻُ، ڪؤتا ۾ ڪيڏو رتو!

پيريون چاڙهي چاپڙو، جاريءَن مان پيرون،
ڇا تو چاهين تون، جهوليون پري جهنگ ۾؟

هيل ته سارو سالُ، ڪيڏو وسڪارو ٿيو،
پلاڙيو آ پالُ، ڏات اسان جهي ڏاهه مان.

پاپڙيون نه چڻيِن، چوري ايڏا ڏُرگهلا!
ڪيڏو جهڙجهين ٿين، پوري پنهنجي پاڻ ڪي!

سارنگيءَ جوَ ساٿُ، پوءِ به ڏينديِن ڳاٽا!
توڙي ڪوئي ناٿُ، ناهي ساريءَ نانهه ۾؟

تون ته نه اُن سان آهه، تون ته نه آهين عام مان!
ڪاڏڻ، پيٽڻ، نينڊ جو، هر ڪنهن آ سوداءُ،
تو وٽ لُونءَ لڳاءُ، جنهن جيي لهس نه لوڪ کي.

هي سڀُ سائيءَ رُت جون، ڳهليون ڳولائون،
هي ڇاهي؟ آئون، چاٿو ڳوليان ڳُجهه ۾!

سون چيو مينديءَ ڪيت کي ”آئي! ڦٽي پوَ!
”مون کي ڪيئي سؤُ، رتما گهرجن هٿڙا!“

ڪجهه به نه ناهي جندڙي، اُتي آپو تڙ!
اُنهيءَ نه آڪڙ، جنهن جي نظر چنڊ تي.

وري پنهنجي پاڻ کي، وساري وينين،
جڏهن ڪان پينين، پڻءَ تي ايڏيءَ پيڙ ۾!

* او شل روز وسن، اُپري اوهيرا ڪري!
اڄ چڻ واڻڙين، اَڄ اَجهي ئي ڪانه تي!

اڄ به منهنجي جندڙي، راڻاسر تي رات،
ڪيڏا منهنجي ڏاتِ، تارا، تِرِ، تِرِوڪٽيون!

اڄ نه ڪُونيٽ پوڪيو، ايڏي مجر سان،
چڻ چانيو اُن مان، سارو ڌرتيءَ چانورو!

توڙي ڪالهه سُڪي ويا، ٿهڪي سب تويا،
سنجهي شاڙيڪا، پر تو ڪوئي سُڃ ۾!

هي جي اونها ڪُوهه، ڪُنڌي ڪُڻن ڪينڪي،
** ڪير لڳائي تُوهه، تن جي پاڻيءَ تڪ مان!

---

* ٿر ۾ ماڻهن ۽ مال جي اڄ وچ ڪري واڻون ٺهي پونديون آهن جن ۾ وسڪاري جو مينهن پرجي ويندو آهي.

** اونهي ڪوهه جي ترِي ۾ پاڻي تڪ وانگر جهلڪندو آهي. تڪ — آرسي.

o ڪيڏو سيٽڻ ڦيري، پُونڻ پڙڪي وانگيان،
۽ ڪنهن ڪُوسَ ڪيري، من ۾ لهرون آنديون.

oo پرهه پاٽياريون، دلا پري ڪوس مان،
هيئين ڪي ٺاريون، وڃن پيون واٽ تي.

ايئين ڪويتا ڪئي، وري مون وٽ موٽ،
جڻ ڪارونجهر اوٽ، هيرڻ پيچ ڦُٽي پيا.

ويروتار وسي پيو، تر بر منهنجو نانءُ،
توڙي ناهيان آنءُ، آنءُ اوهان ۾ آهيان.

ٿڪجي پوندينءَ تون، جڏهن منهنجي شاعري!
مان پائيندس پُونِ، مون تي سوڙهي ٿي وئي.

اڇي ٿي اڌ رات، چوريءَ چوريءَ ننڊ ۾،
مون ڏي منهنجي ذات، سُرڪي روز سُريت جان.

تنهنجي ساهت مان، مون سَپ دپڻ ڪيدي چڙيا،
ڪنبدا ڪرڙ سيان! چڙيا تنهنجي چانوَ لئه.

---

o پُونڻ — ڪاٺ جو چڪرو يا ڪُپي.
oo ڪوسُ — پاڻي چڪڻ لاءِ چمڙي جو ڏول.

مون من ڇو مُنجهو ٿئي، تون جو آهين گَڏُ،
مون ۾ تنهنجو سڏُ، پيرَ نہ کوڙي واٽ تي.

هڪڙي پوري ٿي جيئن، ٻي وائي آئي،
مون من تَرائي، ڪُٿي، ڪُٿي ڪينڪي.

* وَرت وچهي جئن پُون تي، تئن مون ڪوبتا،
ڪيڏا مون پيتا، امرت - ڍُڪَ آسُور جو!

مسافر آيو، ويندو رهي راتڙي،
متان موٽايو، پانڌيڙو پرديس جو!

متان لِکين لوڙَ لئہ، مارين پنهنجي مت!
ڪوي! ڪيئن ڪُپت، ڪندين پنهنجي پاڻ سان!

** ڇڻ ڪو يَهوواهہ جو، آسُر جو آواز،
راڳي سارو رازُ، ڪنهن بہ پروڙيو ڪينڪي.

---

* وَرتِ ـــ رسي. نوٽ: ڪوهن مان پاڻي ڪيڻ لاءِ ڪوس، ورت ۽ پون ڪم آڻيندا آهن.

** يهوواہ ـــ توريت ۾ خدا جو نالو

(۳)

اڄو ٽر چمڪيا، چانډوڪيءَ ۾ ڇيٽ جي
ٿو سان ڪو جهمڪيا، ڪڏهن ايندين سپرين؟

* گوري! تون گوچار ۾ اڃا ٻهڙي سان!
آهي رات اڃان، ڪاري ٽر تي ڪيٽري؟

** پوچانڊي تي پيرَ، هوريان هلو ساٿيو!
هي جا تيزيءَ هيرَ، ماڳ نہ نيندي ماڻهئين.

o هي جو پيا مينهڙا، ڳارو ڏئي ڳارو،
واريا سو سارو، ساڳو ٿيندو ڪينڪي.

oo ڇڏجو نہ پيرا جڏهن وڃو نُوڻ ماں،
ڪيئي من ميرا چاري آهن چارڻو!

---

* گوچار ـــ ٽڙڪول جي آمهون سامهون وارو پاسو. سياري ۾ ان تي ڏاڍي ٿڌي هوا لڳندي آهي.
ٻهڙو ـــ هڪيئي مٿان رکيل ٻہ گهڙا.

** پوچانڊو ـــ (پٽ جو) آهستي آهستي هيٺاهون ٿي ختم ٿيندو آهي.

o ڳارو ـــ پٽ جو آهو هنڌ جتان پٽ تان وهڪري سبب واري ڳري وئي هجي ۽ وهڪري جو نشان ڇڏي وئي هجي.

oo نوڻ ـــ ٻن پٽن جي وچ ۾ ٻسڙ واري زمين جتان ماڻهن ۽ مال جو گذر هجي.

* پاساڙي ۾ ڪيترو، آخر رهنداسين؟
نيٺ ته ڪهنداسين، متاريءَ تي ساٿيو!

او ساٿيارا سَچ جا ڪنيئه ڪانه ڪَٽِي!
آيو سچ هَلي، ڪاڙهي منجهه ڪپار. تي.

** پرين ڪائي پاج، آيو پند نه اُڃهي!
سَهمي ساري راج، لانجهي لئه ليئا وڌا.

اچا ڪجهه پرندا رهن، ڏهرن ۾ ڏيئا،
وجهي تي ليئا، وَر وَر باڪ بسنت جي.

ڪاري ٿر ۾ ڪبترا، ويندي اُڃ مرن،
ڪنهن ڪنهن پو به ٿرن، وريـريون پون وات تي!

o روهيڙي جي رنگ جون، ٻڪڙواريءَ تي،
ڏيکيون چڙ ته متي، لوڏيون لوئڙيارئين.

---

* پاساڙو — پٽ جو پاسو
متارو — پٽ جو متيون حصو.
** پاج — ڪن پٽن تي سڌو چڙهي نه سگهبو آهي، تنهنڪري ڪنهن سهولت واري هنڌان متي چڙهڻ لاءِ وات ناهبي، جنهنکي 'پاج' چئبو آهي.
لانجهه — پٽ جو هيٺاهون هنڌ جتان لنگهڻ لاءِ وات هجي.
o ٻڪڙ واري — ڪا ٻني ڪنهن پٽ جي ٻڪڙ ۾ هوندي آهي ته انکي ٻڪڙواري چوندا آهن.

هو جو وجهي واٽجهه تي، ڇوڙيءَ ڇوڙيءَ چنڊ،
پينهين پٽيي ڪا چنڊُ، اُتي ساٿوڻ رات جو.

* روهيراڙي رات، سامهون چنڊ سينٺاو ۾،
سون ڪان پوءِ به ٿهڪندڙي، موت نه ڪندو مات،
جيئين منهنجي ذات، سون ڪان پوءِ به ڏيهه ۾.

پاساڙي جي چانو ۾، متان ويهين تون!
اُتي پيڙ پٽون، متان سڄ لهي وڃي!

** آگرين ۾ آئنڻ، ڪيڏي موچ مڙي!
بيو پو به پُڙي ڪوئي پرينءَ پار ڏي!

هو جو رڻ آجهاڳ، سرجي پيو سمنڊ جان،
ان ۾ سون جو ساڳ، ڏنو، شال اوهان ڏسو!

*** آکن نيرا قُلّيا، متان سينهن وسن،
سارو ڏينهن گسن، ڪارونجهر سان ڪڪڙيون.

---

* روهيراڙو — جنهن پنيءَ ۾ گهڻا روهيڙا هجن ان کي ”روهيراڙو“ چئبو آهي.

** آئنڻ — ڪنڪرا.

*** قُلّيا — آکن جي نيرن گلن کي ٿر ۾ ’قليا‘ چوندا آهن.

* هي جو ويٺو پارڙو، گهانگهيٽا ڪاٽي
انڪي الائي، ڪهڙا سپنا ساهہ ۾!

** اڇا پيلا گُلڙا، سڻ ۾ سائين آڻ،
چترَ جئن چانڊاڻ، ريت پسائي رات جو.

ساري رات سِرَنهن، اهڙو ڇا سوچو پئي؟
ڪُهہ چاٽان ڪنهن مينهن، تڙي پئي باک جو!

*** سارن سٽيون سمنڊ جئن، ڇوليون اُترَ واءُ،
ڌرتي! منهنجي ماءُ، مون منُ توسان موهيو.

هي توري جا ڪيت، هي ڌرتيءَ سُندرُ مُکُ،
جنهن ڪي ڏسي ڏُکُ، ور ور ٿئي آنت جو!

جهُڙ ڦُڙ جي جهونگار، لاڙائوءَ جي لوءِ ۾،
وسُ وسُ منهنجا يار! آيا وسڻ ڏينهڙا!

آيون ڪٽي شام جو، ڪائين جون ٻاريون،
o شفق، ريباريون، لوڙهي لوڙهي مُونگهڙئا!

---

* گهانگهيٽا — گهانگهيٽيءَ جا ڦل.
** سڻ — ٻر جو هڪ ٻوٽو جنهن ۾ اڇا پيلا گُلڙا ٿيندا آهن.
*** سارن سٽيون — سارين جي ڪيت ۾ ڪنيل سارين جا ڍير.
o ريباري — ٿر جي ماڻهن جي هڪ ذات.
مونگهڙو — جنهن ۾ مُنهن ڏئي گهڙجي، دروازو.

آءِ ۾ نڪتي انڌلٺ، ڇڻ ڪوئي ڪنمالُ
مٿان پون مينهڙا، هيٺان ڇـَري مالُ،
ڪير ڇوي جنجالُ، آهن جيئڻ ڏينهڙا!

وارني ساريڪيي ڪري، پاٽاري ناهي،
جيءُ پيو چاهي، ڪنڌيءَ هيٺان ليٽجي!

ڪنڌيءَ هيٺان ليٽجي، مٿي ڏيئي ٻانهن،
ساري ڌرتيءَ دانهن، سرتيي! اڃي سانت ۾.

آڌيءَ جو آڪاس ۾، ڪيڏو چنڊ چٽاڻو!
ڪٿي اوڙهي آءُ، ٻاهر ڏاڍو وائڙو!

پاڻيءَ جا آنچر ٽين، ويروتار وسي،
پيرين ڳاهه گسي، ڪرمين پيا گهين ٻاجهريون!

ڌاڙو تنواري پيو، ڏيڏر ٿا ٻولين،
مور پيا ڳولين، ڪارا ڪڪر آءِ ۾.

* جيڏيون جـَرهيڙي، آڄ جو آهي آءِ ۾
مون منُ ڇڻ ٻيڙي، مٿان نيري سمنڊ ۾!

* جرهيڙي – چنڊ جي پڙ ۾ ڏجلو.

ساري رات ڪئي پئي، تاڙي ’تون ئي تون،‘
مينهن به ريلي پئون، آيو آ آڪاڙ ۾*.

تنهنجي اڳهاڙپ، تني ڏينهن سموند تي،
لاٿي واريءَ لپ، ماڻهو پنهنجي ماس کي.

سکي! مون کي سنهڻ، چنڊ به مون ورتو چڪي،
رڳو تنهنجو منهڻ، ڏکي نه تو ڏول ۾.

هرڻ! تنهنجون آرسيون، واتڙيون ڪيئي،
اڄ به آئيئي، جن ۾ تنهنجا اولڙا.

پيرو ڪونه پڄن، گهر مان نڪري گهاگهرا
چوڏين پهر وڃن، ڀهڙا ڪٿي ڀات ۾.

اچي ٿو آواز، ”مٿن ڪٿون پيلهڙا!“
جئين ڪوئي باز، جهٽي پکي ننڍ جو.

چنيون نه چيمڪن، توڙي ڪاريءَ ڀاٽ ۾
ڪوه مٿان ٿمڪن، لاهي ورت وريتڙيون.

* ريلي پئون مينهن — جنهن مينهن سان پاڻي ريلا ڪري وهي.

* ڏونر ڏيم ڪن پيا، مٿن سينڊوٽيون،
چڙ تن جون جهوٽيون، ڪاٿ مڻيون جي مورٽيون.

چونڊي پٽيي چاهه مان، ميٺيراڻ مِٺا،
چيٽر ٿر جيها، مور نه منهنجي ڪنڌ ۾.

** جيئن اولي ۾ آڪ، تيئن توڻ ٻنيءَ اوڪڙو،
چو نه پڇين ٿو ٿڪ، لڙيءَ لڙنديون ڪيترو؟

اڄ ته ساهي پٽ، ڪنهن ڪونيٽ جي ڇانو ۾
ڇا تو ڪيو گهٽ، آڪ اڪيڙيا ڪيترا!

اُٺي راهون آٿ جون، هر سان پڏائين،
۽ پو ڇٽيائين، ٻج ٻنيءَ ۾ پاند مان.

ڪارونجهر جي اوٽ ۾، ميٺيءَ جي واڙي،
جنهن ۾ ريباڙي، گهلي پٽيي گهاگهرو.

ويئون ٻنيون ريٺجي، پنهنجا ڏهر ڏسي،
پيو مٽس ڦسي، لارون سُڪن ڪينڪي.

---

* سينڊوٽي — سينهون.
** اولو — گڙو

ڌرتيءَ تي ٽيڻون اوڇڻ، سانجهيءَ جو اوڀون،
لٽيپ ۾ لوڻون، ڳاڙهيون ٻانجهر ڪيت ۾

رتو شفق رنگ ۾، هرڪو کيت ڪرو،
* پيو ڪوئہ پرو پڻ تان آڏري پوئٽري.

’همرچو ڙي لا‘ چئي، وريا سڄ لٽي،
** پوري لار نہ ٿي، لڻ ڪاندارن لاسيا.

ڌرتي تي ڳائي، يا هو ڌرتيءَ جا ڏٿي؟
** ’پئيو‘ ورجائي، لڻ ڪانڌارن لاسيا.

o آڇي ٽيرن مٽيا، پرچائي ٿي ڏيءُ،
ساري هڻ جو پيءُ، ڳائي پئي دوهڙا.

ڏينپوڙيءَ سان نينگري، مڱ پٽي پيئي،
ساري سپيئي، پير جا ٽير ٽروڪيون.

---

* پؤنٽري — ننڍو ٽڙ وانگر پکي.
** لاسيا — بيگر ۾ وهندڙ.
*** ’پئيو‘ — ڙر جو هڪ لوڪ گيت.
o ٽيرن مٽيا — ڳڙجي گهاٽي پاٽيءَ ۾ سيڪيل ٽر وجهي مٽيا ناهيندا آهن.

جـُتي پاڻي سـَپرين، گهوڙو تو سـَنجر، ي،
سوس ُ پـَلي، مـَنجهي، اڪيون پـُور، ي آهليِ.

ڪارونجهر جي پـَب ّ تي، ڏڻ ُ ڏراڙن جو،
چمڪ ّ اِنهيءَ جهڙو، جيڏا! ڪهڙيءَ جوءِ ۾؟

آيو اوهيرا ڪري، چِرڪي منهنجي چاڻ،
چڙا چـَنگ وَڳا پئي، پِنا پئي پاڻ،
ساري رات وٺاڻ، تميا چـُٽاڪا ڪيو.

پاڻي پيئاري، چِيلا چوڙي جهنگ ۾،
ويئي نهار، ي، وڻجاري جهي وات ڪي.

* ڏاڏهي پئي توڏڪيِ، اُتي آڌيءَ رات،
تورڙي چـَپ چپات، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي.

ڪنهن ڪي رهندي سار ّ سا، هاڻي وهاڻيءَ؟
** ڪيريو ڪانياڻيءَ، ڍولـَر ّ داڻو وات مان.

*** ايڏي لـَري پـُوهه مان، واريءَ ۾ ويئي،
جنهن ڪان سيپئي، ڦـَرڙا چڻ ڦڙڪن پيا.

---

* توڏڪي ـ توڏ، ي (اُٺ) جو مادي ڦر، گوڏري.
** ڍولر ــــ تر جو هڪ پکي.
*** پـُوهه ــــ تر ۾ واڙيءَ ڪي سيءَ ڪان بچاو ّ لاءِ پـُوهـہ سان ڍڪيندا آهن.

دُکن ٿيون دونهيون، وڃن پيون واٽ تي،
* ڀڪن جون سُونهيون، ڏُوُنريون توڙي گوريون!

** وانڙين پرسانِ هيون، پٿوريون ڀڪريون،
چڻ ڪيئي ڪڪريون، بيٺيون هيونِ پونءِ تي.

ڪٿو جاگهي جهوڪ تي، اوناريءَ پرسان،
آهي چنڊ اچان، ڪارونجهر جي ڪور تي.

*** ويهي سجُّ ٿئي، سائيءَ نمُ جي چانوَ ۾،
ڏاهيون ڏاس ڪَٿيي، ناهن پيون جيروِيون.

پرسان تڏا تانوَ، ٿئي مٿان ٻاجهري،
ڏڙ تي رتو گهاگهرو، سر تي چُنيءَ چانوَ،
ڏُکيءَ ڪيڏا ڏانوَ، جيئڻ ڏنا ڏاجَ ۾!

ٿر ڪرڙي آپَّ ۾، تنواري تاڙو،
o شال نہ اُ گهاڙو، سالُ ٿئي سائيهہ ۾!

---

* ڏُونريون توڙي گوريون — اڇيون توڙي ڳاڙهيون ڳايون.
** پٿوريون — اڇن پٽن واريون.
*** جيروي — ٿري ماڻهن جو هڪ اوڇڻ.
o اگهاڙو سال — ڏڪار وارو سال

* گھٽين پٽين ڏيکريءَ، اُڪري ڪڙڪائين ٿيون،
ڳيچ پيون ڳائين، گڏجي ڌرتيءَ ڏيئڙيون.

وڳيءَ مڱڻهار جيءَ، سارنگيءَ گهرگهر،
آن جي جهوليءَ پر، متان اڏن موتائيين.

** نچي نچي ڍول تي، پٺهاري ڳائين،
هن ساري سنسار کي، سُر ۾ سمائين،
لُنءَ لُنءَ ملائين، ڌرتيءَ ۽ آڪاس کي.

*** تونڙي ڳائن ڪڄليو، تونڙي جوڙاڻو،
ناهي وساڻو، ڏيئو تن جي ذات جو.

o پيرون جهليءَ جهول ۾، ڍهوڪا ڳائين،
سيگر جهڪائين، لئه سان ليالو چئي.

ٻني تا کيڙين، يا لابارو ٿا ڪن،
جڏهن ڏس جهر جهنگ ۾، امر گيت چون،
او شل ٿريچن، گذري سال سڪار ۾!

---

* ڏيکري — ڏيءَ.
اُڪري ڪڙڪائين — ڏيءَ چمندي آهي ته اُڪري ڪڙڪائيندا آهن.
** 'پٺهاري' — هڪ لوڪ گيت.
*** 'ڪجليو' ۽ 'جوڙاڻو' — ٻئي لوڪ گيت.
o 'ڍهوڪو' ۽ 'ليالو' — ٻئي لوڪ گيت.

هرڙيءَ ٻچو رات جو، ٻڪريءَ کي ڏائي،
پنهنجيءَ ڳچيءَ گهنگهرو، وَر وَر ڇمڪائي،
پيو واجهائي، آپ ۾ چوڏس چنڊ ڏي.

وڻڙيءَ ۾ سايو، چنڊ وڏو آ چوٽ جي،
جنهن سان ٽڪرايو، هرڻ سِڱَنِ لُڏما ڪري.

اَڄ سلهاڙي تي چڙي، ساڳو ئي لاڙو-
پاڻي، آواڙو، ڊگهيون هڪٻئي پوئتان.

* گوَلاڙا ڦوليِن، ڪارونجهر تي ڪامڙيون،
گولُون گهرَن نين، پڙي پاندَ ڦهاڙ تان.

هي جي نِرويون، ناريون منهنجي ديس جون،
جن جي سڌيءَ سينڌ تي، لڄاريون لويون،
شال اُنهن اويون، ڪڏهن ڪونه سُڪائيين.

** هي جي موگر وَلّ، پيلا پيلا گُلڙا،
تن تان ٿڌي ماڪ مون، لاتي پنهنجي ڳَلّ؛
مان سوچان ٿو پلّ، هاڻي مان ڏرتي ٿيان.

---

* گوَلاڙو — هڪ ول.
گولون — گولاڙي جو ميوو.
** موگر وَلِ — جنهن ۾ ننڍا پيلا گل ٿيندا آهن.

ٻاڪَ ڦُٽيءَ جو ڪيٽ مان، واجهه وجهن واتون،
گدريُن چڀڀاٽون، ننڍي وڏي وات ۾. *

ٻرڪا پنل ڳُلڙا، منهنجو من موهين،
ڇا ڇا آڻتِ ڏينهن، ٿرِ جي ٽڏيءَ ريت تي!

مري پنهنجي موت ڪان، پنتي نهاريان،
اڪيون جئن ناريان، ٿر جي ٽڏيءَ ريٺ تي!

ٿر جي ٽڏيءَ ريت تي، چاندوڪي چٽڪي،
منهنجو من پٽڪي، موتي آيو ماڳ تي.

جهوري پئي جانجهہ، ڳائن پيا آرتيون،
** آڏيءَ رات آڳانجهہ، منهنجو من ويڙهي وئي.

*** وريريُن وات وڃن، ڳچيُن پائي ڪنٺلا،
ڪيئي ٻانهون عاج جون، ڀهراڙيءَ ڀهڙن،
ڪن ڪن گوڙيُن گورلا، ٻهڪن ڪراين،
ڏرتي! تنهنجيُن ڏيئرن، لوڏي ڪرَّ ڪنن،
ٻاڪ ڦُٽيءَ تارن، ڏيئي ڏرڪَّ لجائيو!

---

* چڀڀاٽون — ڦارون.
** آڳانجهہ — قدامت، اونهائي، اڳانجهيءَ مان.
*** ڪنٺلا — ڳچيءَ جا زيور.
گورلا — ڪراين جا زيور.
ڪرَّ — ڪنن جا زيور.

ساٿي! مون دنيا گهُمي، چوندبو آهي ترُ،
چڙ ڪنهن سُرگ سماز آ، واريءَ تي ئي هي گهرُ،
سانجهيءَ وير آمرُ، آهي رتيءَ رہيت تي.

ڪيڏو ناهه ڏرڙُ، ڪيڏي پيٽ پوائٽي!
لهوارو ٿي لَڙُ، ٻَوڙين نه پاتار ۾.

* آڏيءَ رات آجهور ۾، چُرپُر آ ڪائي،
ٻُجهي نه وائي، ڳالهه ٿئي ٿي ڳُجهه ۾.

ڳُجهه نه ڳُجهو ساٿيو! جيڪي ڪالهه چيوُ،
پلئه نيٺ پيوُ، آڏيءَ رات آڳار جئن.

ڪجهه هوريان، ديوار کي، آهن ڪيئي ڪَنَ!
جيڪا هجي سن، سُور نه ڪجي وائکي.

ساٿي! جو بندوق جي، ناليءَ ۾ آهي،
جي کو ساڃاهي، لائي ڇَنُ ڇپن کي!

انڌن کي آهين، ڇمڙن واريون عادتون،
اَڇي پر ساهين، آخر اونده اوٽ ۾.

---

* اجهور — ڳوٺ جي چوڌاري هيٺالي واريءَ زمين کي چئبو آهي.

انڌا چون اِيئن، ماڳُ اسان ئي آ ڏٺو،
اکين وارا کيئن، کندا تن جي راڄ ۾!

* اڄ نه منهنجون مارُوِيڙن، گوَچرَ ۾ ڳايون،
آيون ڙي آيون، آزاديءَ جي پيچريءَ!

مون مان منهنجي 'مون' وڃي، تو مان تنهنجي 'تون'،
ورچي وِيڻ نه تي وڃن، ڳالهيون اسان جون؛
تون ٻه نه آهين مون، ڏُکَ نه ساڳيا ڏيهه جا!

ڏکيا تنهنجي ڏيهه جا، ماڻهو مڙيئي،
راهي ٻساڳيءَ راهه جا، سَرتا سڀيئي،
متان ٿئيئي، تن سان ويڇو واٽ تي!

تنهنجي منهنجي ساهه کي، ڳنڍ ڏني جا ڏُکَ،
پيارا سارا سُکَ، متّ نه اِن ميلاپ جي۔

هيءَ جا ڏاهپ ڏُکَ جي، متّ نه آن جي کوءِ،
آهي سارِي لوءِ، جڻ کنهن ڳنڍيِ ڳنڍ ۾!

جيئڻ ڏيندا کينکي، توکي هي جانار،
جيسين کارِي وار، تن تي کندين کونه تون۔

---

* گوَچرُ ـــ ٽر ۾ ڳاين لاءِ چراگاهه.

اھڙي ٻي نرواڻ ڪا، مرڻ يا مارڻ،
ويريءَ کي وارڻ، ٻپ نه ڪوئي ڏيڄڙو!

هي راڻو هي ريت، مٿان ساڱا تارڙا،
چيت ۾ آندر تون چهيت، ڪٿي ڀڄندو ڀنڊڙو!

نيٺ نه ڀهتا ماڳ تي، جٿيون ڇنڊيائون،
ڳاڙهو سج اُڀار ۾، مٿان ڏٺائون؛
اُنهن جيي آئون، ڳجهي ڳاتي ڳالهڙي.

* آڄ اُپراڻو آءُ، واريءَ پنڌ اچا پري!
اچا وجهي ڪنبٽي، لڳ لڳ اُٿر واءُ،
سر ۾ جو سوداءُ، ويني پورو ڪونه ٿيي.

ڌريڻ ڦوڦيندا هيا، لڦون آڏرئين،
پر مون پار پرئين، چيڪ سڄڻ جي چڪيو.

جيسين پوي پاڪڙو، تيسين ڀڄنداسي،
وڏ اچا اڳتي، پير مٿان پنٽي ڪرين!

اِت ۾ اسرائيل جڻن، رهندو نه رڻ پٽ،
جڏهن لاٿو ڳٽ، سمجهه هوندو سٿرو.

---

* اُپراڻو — واريءَ ۾ جٿيءَ سان ماڻهو پنڌ ڪري نه سگهندو آهي.

آزاديءَ جي ڇٽنگ مون، اِن ۾ به ڦولهيي—
پارڪري ڪولهيي، جُتي جنهن مٿي پٽي.

پانڌي پند پُنو نه آ، متان ٿڪ پٽين،
متان جهپ جهٽين، اِيئين سج لهي وڃي!

هي جو ڪاريءَ رات ڪان، سوجهرڙي تائين،
متان تون پائين، آهه آڪارث پندڙو! -

لُريءَ توڙي لُوه ۾، اَئين ٿي توڏو،
ڏئي پيو لڪ ۾ لهر جيان لوڏو،
اڃان نه اوڏو، پند پرينءَ جي پار جو!

ڦيري گهيري سيئن، ميان چڙهجي پيٽ تي،
سڌو چڙهيو ڪيئن، ڇو تو جيءَ جُڪائيين؟

ڪنهن پر ته ڪنباءِ، ڪوٽ اُتاهان سانت جا!
راڙا روز مچاءِ، جيئين ڏاڍ ڏري پوي!

اڇين ٿو اونار، جهوڙا جهمڪن تا پيا،
پريان تنهنجا پار، آءٌ لکايا لوڏ مان.

* وري آجُ اُپلاڻ، ساٿي منهنجا سڄّ جا،
مٿان پُڄون پاڻ، وڪ اسان جي وس ۾.

اڄکلهه آرهڙ ڏينهڙا، ترڳ ڏني ويا مات،
مٿان ٽمٽم تارڙا، ريتيءَ ڪاري رات؛
جيسين ٿئي پريات، تيسين ڪجي پنڌڙو.

اسان تن سان ڏُڪڙا، اوريون نه اوريون،
اکين آڏوريون، ساروٽيون ساٿيهه جون.

آزاديءَ کي دُور تان، ڪيسين چاهيندين؟
ڪڏهن لاهيندين، توں هي ننڍڙ پاڻ تان؟

** سڄي ويندو ساٿيو! روهيڙي وانگرُ،
ڳُل ڳُل ٿيندو ڳهرُ، ايندي باک بسنت جي.

جئن ڪونپٽ ۾ ٻُورُ ٿئي، وسڪاري ڪان پوءِ،
ٿيٽي آ آزاد ٿيي، ٿئي هيءَ منهنجي لوءِ،
ووءِ ٿريچا ووءِ، جي توں گهارين بند ۾!

---

* اپلاڻ — پاڪڙي ۾ ٿوهي اڳيان چوٽڪ ۽ ان جي پٺ تان
بس چوٽڪ هوندو آهي. چوٽڪ ۾ چڙهي رواني ٽمڻ کي
'اولاٺو' يا 'اپلاٺو' چوندا آهن.

** بسنت رت ۾ روهيڙو گلن سان سڄي ويندو آهي، جي
سونهري - ڳاڙهي رنگ جا هوندا آهن.

واهوندا ورندا جڏهن، تڏهن ڦـِرندو ڦوڳُ،
ڪيڏيون جيءَ آجوڳُ، سـدون آهن سيءَ ۾!

وڪ وڪ آهن توهرن، اُپ" اُپيون پانهون،
ديس سڄو دانهـُون، هَيل نہ ڇَڙو چاڇرو.

ڪـُنا ڪالهہ ڏنارَ، ٿرِ ڳـِوڙها ٿـَمجي ويا،
ڏ َڻ ۾ آت" ڏڪار، ڪيڏيون ڇپيون ڇانَڻ ۾!

او سُل آزادي اچي، چوُڏهين‍ءَ چنڊَ جيان!
رهندي رات اچان، ڪارُونجهر تي ڪيترو؟

او سُل منهنجي ديس جا، مارو پريت ونڊينِ!
هڪبئي ويجهو ٿينِ، ويچا رهن ڪينڪي!

نيٽ نہ ڳِؤرو ڳـِٽُ، لاهي هلبو لوءِ ۾،
ٿيندو چِـمر چِٽُ، مون تي ڪوئي چانورو!

مـُلان مون ڪان هٿُ تون، ڪـَروَت جا ڪوتا،
هوندا تو نوتا، تو جهڙيءَ سرڪار جا!

هـُو جو ڏسان ڏُور ڪان، شال ڏسان ويجهو!
ڪيڏو پنڌ پيو، آهي منهنجو ماڳ ڏي!

ڪاري ڪارونڀار جئن، مون ۾ تون سوداءُ،
اڇڙو آنهه ته آءُ، مون ڏي سانوڻ مينهن جئن!

آزاديءَ ۾ چنڊُ، آهه اڳي ڪان موهڙو،
چڙ هي سارو منڊُ، منهنجي مُنهن کي ٿو چُمي!

رات نه ساڳي رات آ، ڏينهُن نه ساڳو ڏينهُن،
آزاديءَ جو مينهُن، لُنءَ لُنءَ ۾ لِرون ڪري.

آزادي مون ڏي ڪَهِي، آئِي منهنجي پار،
ڪُهنبي وِيس ڪُنوار، جهڙي باک بسنت جي!

چڙ مان پنهنجي پاڻ ڪان، ڇني پنهنجو پاڻُ،
آهيان اڄ ٿو ساڻُ، مُنهنجا ڏُکِي ڏيهڙا!

”ڪنهن جو ماڻهو آنهه تون؟“ ”آئون؟ غلاميءَ جو.“
”مون وٽ آيو ڇو، آهين پو' تون اوپرا!“

مان جو اوچو آپ ڪان، تون ڇا ڄاڻين مون؟
ڪجهه به نه ناهين تون، آزاديءَ ڪان اوپرا!

پيريون ڏيو ٻُورُ، ٿاريون سپ ٽڙي پئو!
آئي اڄ اسورُ، ڏسان باک بسنت جي.

جي تون شاهہ لطيف جو، سامي تنهنجو ياءُ،
ساميءَ سان سرچاءُ، ناممڪن ناهي پرين!

ساڳي ڳالهہ چئي پئي، ٻُلي، پٿادي،
تو جا لنوائي، پنهنجي پوڙيءَ ٻُوجهہ سان۔

ڪِرنگهہَ ڪٽا ڪنهن جاءِ تي، سرتيون ڪو سائون ؟
ووءِ، ٽري مائون، جن ڪي ٽئين پارڙا !

جڏهن جهُڙ ٿيندا، پري رِهندا ڪينڪي،
وانديون آڏيندا، اوڏا اچي سُپرين۔

ڏرتي رهئي ناهہ چا، او نيرا آڪاس!
اِڪويهينءَ ڪا آس، ويهينءَ صديءَ چا وريو؟

اُڻا آباڻا، پٽتڻ لڳا وانديون،
پکا پُراڻا، وري سانگين ساريا۔

جڏهن پيا سينهڙا، لَڏون لاهيندا،
وري آڏيندا، پکا پکن ُسامُهان۔

وانديون پٽتي آئيا، پيا وَرت، وِرجهن،
اڪيون اج بہ ڏسن، هنُو جي سُپان ڪوهہ تي۔

راتڙيون پيئون، سارن تن جا سڏڙا،
اڏري ڪلهه، ويئون، ڪُوڪي جيڪي ڪوڏيون.

* ساري رات سُڪالڙا، ٻجيرياڻيءَ ٻار،
ڪيڏي پگهر لارَ، مَنجهي آلا رلڪا!

ڪارونجهر جي پَٻَ، جهور نہ تن جون جهوپڙيون!
تن ۾ ڪائي رَبَ، هو جي ڏويون ڪاٺ جون!

** ٿر ۾ مٿيءَ ڪونديون، آتو اتو ڪن،
مارو روز مرن، چؤنري چؤنري ٻڪ ۾.

ڪُنن ناهه ولوڙَ، ڪيرُ پتاريُن چڏيو،
جيءَ وجهن جهنجهوڙ، تن جون اونديون چؤتريون.

مانڊاڻو ۾ مَڪَ، اڄ نہ ڏسجن اکئين،
o کهڙا ڏاڪوءَ ڏيڪ، ٻڪَ وسهي ٿي وانڍ ۾!

پائر ڪُنگرا ڪوٽ جا، ويجهو ڪونہ ورن،
ايڏو ڏُکَ ڏَرن، پاڙي پسان ڪينڪي!

---

* سڪالڙا — بيمار.
ٻجيرياڻي — ٻانهي.
مَنجو — ڪتولو.
** ڪوندي — طباخ آتي لاءِ.
o ڏاڪو — ڏيڪ ڏيڻ لاءِ ٿانوءُ.

ڪِوئي ڪنهن جو ناهه اڄ، هرڪو پنهنجي لاءِ،
ڪٽان چار لڪاءِ، آيا ڪانوَ آڳڻ ۾.

* نه مان اونگهه اَلٿ، نه مون ننڊ نياڳ جي،
ٻُڪَ نيساها هٿَ، پيرَ نه لهن ڪٿ تان.

ڪيڏا ابهم ٻارڙا، ليڙون ليڙ لباسُ،
جن مان تن جو ماسُ، ٻکي چتيُن وانگيان!

** جانڪرِ نه جهارو، ويڙيءَ وريون نينگريون،
ڏِلا واريءَ تي رکي، ڪاڏي ڦوڪارو،
سارِي وسڪارو، تڪين آيرِي اُڀَ کي.

مٽن رکي موتيون، ڪاڄَ ٻنان ڪارا،
ٿري ويچارا، ڪاڻين جهڙيون نينگريون!

لهريُن گُهنڊِ ڏراڙ تي، ڪنارو ڪوئي؟
لٽو سڄو ئي، آهي ڏينهُن سمونڊ ۾.

پٽُون ٿپي ڪيتريون، واريءَ وڳُ ويو!
اڇا پنڌُ پيو، آهي رڻ اجهاڳ جو.

---

* اونگهه اَلٿ — دير سان اٿڻ واريءَ کي "اونگهه جي اَلٿ" چون.
** جانڪر، جهارو — صبح جي ماني.

توکان اڳتي آهه ڇا، تون به ته هڪڙي وک،
ڏوران تنهنجي ڏِک، توکان ڏور پئي ڇِڪي.

اُتي اکيون کول، اُتي باک ڦُٽي پئي!
رات ڪٿي آ؟ ڳول، ڳول رسامي ڳالهڙيون!

اُتي آسر وڙين، ڪوني پئي ڪيتڪي،
ور ور پينيءَ پيهن، وڃي پئي واس ۾!

ڄڻ ڪا ڇپي واءُ ۾، آهي ڪنڊيءَ وڻُ!
اڃا ڇا ساوڻُ، وسندو نه ساڏيهه ۾؟

هُونءَ ته ڪيڏي نرلڄي، بگهڙ ڪاري رڻ،
آڄ جنهن جهي اوگهڙ، اوڙهي رلي رات جي!

ڳُٽيل جيئن پاڻ ۾، ڪٿيءَ تاندورا،
او شل سمورا، ساٿي رهن سچ جا!

ڦولهڙيون، ٻڪريون، ڪيڏيون واريءَ وات ۾!
پوءِ به هو ڪڪريون، نيڻان نڪرن ڪينڪي.

* ڇڙسيءَ سان پاڻي ڪڍي، پريم آواز،
مون من تاساڙو، واهڙ ڳولي وات تي:

---

* ڇڙسي — چم جو ڏول.

ڪٿيءَ منھنجيءَ ڪيترا، سپنا ڏنائون،
تُنّ تڪي آئون، روز ٿيان ٿو وائڙو.

نہ هُو چوُنري ۾ ڪٿي، راتوڪو چُوٽو!
نہ اڄ وَلُوٽون نہ سي وايون وانڍ ۾.

وري ٿاريءَ تي، روھيڙي جا گُلڙا!
ڪيڏو واريءَ تي، آھي رُتّ ڦري وئي!

ڪارونجھر ڀڀر، ڪُونيٽ سڀ ساوا ڪيا،
روھيڙي گھر گھر، ڳاڙھا ڪيا گُلڙا.

ڳاھٽُ ڪيڏا ڳاٽ ٿيا، سر جو ناھ سماءُ!
آھي ھيل ھڳاءُ، ڏاڍو ڪُوءِ ڪلال جھي.

چڙ اونداھي پڪ ۾، اونداھيون ناھن!
اڇيريون آھن، راتيون ڪويل ڪُوڪ سان.

ساري ٿر ۾ ڦھلجي، ويرڻ تي ويٺي،
ڪونيٽ سپيئي، ويڙھيا ھُڙئي ھُوڪ ۾!

ڪالھ ڏٺي سين رڃّ جا ڏوران ٿي جھلڪي،
چولي نہ چلڪي، اڳُ ڪان اڄّ وڌي وئي.

ڪائي ڳونگي ڳانءِ، هاٺي ناهي نينگري،
ٻوري ڳهڻ نہ ٻانءِ، ڏونگر ڏاري تي سکهي.

تن جي ٻيرن ڳهڻگهرو، ڳچيءَ ۾ ڳانيون،
تهڙا ٻنيءَ ٻاڪڙا، جهڙيون جوانيون،
آڄ جي روانيون، سڄ روپهريءَ ريت تي.

وري ساريائون، ڀڪا ڀاڏر پار جا،
چنڊا سڳائون، موتي آيا ماڳ تي.

* آنيومبو آهي، رکو بج پلاند ۾،
متان ڪو لاهي، جر تر منجهان آسرو!

** ڪاري ڪڪر چنڊ، آڏيءَ جو آڪاڙ ۾،
هيل تہ سارو منڊ، مور نہ ٻاسي من ڪي.

*** سڪيءَ ڏي ٻيهي، آءُ ڏسان تو ڏانگڙو،
اِجهو پرڏيهي! آئي مند ملار جي.

---

* آنيومبو ــ جڏهن آڪاس جو رنگ نيرو ۽ گهرائيءَ هيٺ ڏسڻ ۾ اچي تڏهن چوندا آهن تہ 'آنيومبو آهي'.
** آڪاڙ ــ آڪاڙ ۾ چنڊ تي ڪارو ڪڪر اچي ويندو آهي تہ چوندا آهن تہ ڏڪار ٿيندو.
*** ڏانگڙو ــ اندلٺ ـ جي سڪيءَ زمين سان اندلٺ نظر اچي، تہ سمجهبو تہ برسات ويجهي آهي.

* ڪيڏي آسُرَ وير ٿيي، ٻاٻُوريءَ پَٽ ـ جهَڙا!
آرَ پٺيءَ ٿيي رڙ، اچ اچ سانوڻ مينهڙا!

تاڙو تنواري پيو، آئي مند ملار،
** ڪتيُن جو اوپار، ڇَرڪي پيو ڇيٽ ۾.

o ڪاچِيي مينهن اَچي پيو، هُرَي پيو هانءُ،
سٽُان پيو آنءُ، لُهِرڪا واسينگَ جا

oo ڏُڪرَ مينهَن پلي اچي، ٻوڙي ته ٻوڙِيَ!
ٿوڙي يا جوڙِيَ، آهي ڪامهه اچٽي.

---

* ٻاٻوري ـــ ٻاٻوريءَ مان پن ڇڻن ٿا ’آر‘ نالي ٿڌ جيتري ڪارانجهڙي جيت جي ٽڪي رڙ پوي، ته سمجهبو ته برسات ويجهي آهي.

** ڪتين جو اوپار ـــ چيٽ ۾ پرهه ڦٽڻ ڪان پوءِ ڪتيون اُپرنديون ته اُنهن کي ’ڪتين جو اوپار‘ چئبو آهي. اُن کان پوءِ مينهن جي مُند شروع ٿيندي آهي.

o ڪاچِيي مينهن ـــ ڏُڪر جو مينهن.
لُهِرڪا ـــ برسات جو اِهو به هڪ اهڃاڻ آهي ته نانگ ٻاهر ڪڍي لُهِرڪا ڪندو آهي.

oo ڪامهه ـــ اُتر اولهه جي ڪُنڊ جي هوا، جا يا ته مينهن کي ٿوڙي ڇڏيندي آهي، يا ته ساندهه ڏينهن جا ڏينهن مينهن وسندو رهندو آهي.

* چنن ڪک، اڏامندا، اجهو ٿي وانئڙ،
ڪيسين منهنجي ڪُڙ، ڪارو هوندو ڏينهڙو؟

** وانئڙ آيرا وڻ، ڪيڏا ٿي ڪيري وئي،
ڏراڙن سان ڦِڻ، گڏ گڏ آهن ڪيترا!

ٿر ۾ ايندي اوچتو، ڪڏهن وُٺي-واءُ؟
ڪيڏو تتيءَ تاءُ، آهي رڻ ڄي رِيت ۾!

ڪڪر مٿور نه ورتيڙو، ڪسر توڙي ڪس!
اڄ نارا ٿي وس، روهيءَ وارا مينهڙا!

oo ڦوليي نه ڦونهارکي، نه ڪيي راسو مينهن،
اهڙو تتو ڏينهن، هرڪو ساڙي وڏ ڦڙو.

سون ڏي ڪاوڙ سان ڏسن، ڪرتي ڪاٺينا،
ڪونهي تي ويتا، چڙ ته ستارا رات جوا

---

* آڪاڙ جي ڪاڙهي ۾ جڏهن ڪڪر ايندا آهن ته ڪاراڻ ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ تيز هوا لڳندي آهي، جنهن کي 'وانئڙ' چئبو آهي ۽ جا چنن تان ڪک اڏائي ويندي آهي.
** وانئڙ ۾ آيرا وڻ ڪري پوندا آهن.
o روهيءَ وارو مينهن — گهاٽو مينهن.
oo راسو مينهن — جنهن جون ڦڙيون ننڍيون هونديون آهن.
ڦونهار — سنهي بُوند.

تو بن هيءَ گرهڻ، وهڻ برابر پينڙي!
سون هي پڪو پهڻ، تون مون گهر موتي اچين.

آءُ مُسافر، آءُ! مُون گهر ماني تِي پچي،
تون بہ تہ مون سان ڪاءُ، تو بن ڪاج نہ اَچهي!

ڪيڏو ناهہ اَلاءُ اج چائنٽ تي چنڊ جو!
ساميِ، منهنجو ياءُ، موتي آيو مون گر،ي.

* آسُوءَ اوهيرا، پرين شل پاسي هجؤ!
دور ڪڪرُ نيرا، چندون چاچر تيُ ويون.

** پڻ نہ چانهوُلا ڏسي، او گيرو گاڙها !
ڪتيءَ جا ڪاڙها، اَجُ بہ تُنهنجي ديس تي.

*** اَجُ بہ چِٽاڪا، سا گا منهنجي آڪئين،
ور ور مون واڪا، تو سارينديِ سُپرين

چا هي سارو ڪوهہ آ، گوڙها ئي گوڙها؟
ماڻهو مت موڙها، جي ٿا پيئن پياس ۾!

---

* آسوءَ جي مهيني ۾ ٿڪرن ٿڪرن تي مينهن پوندو آهي.
** چانهولا ـــ چانو، جا ڪڪرسج جي اڏو اچيڪندا آهن.
*** چِٽاڪا ـــ برسات ۾ چؤڏرن جي چنن سان ڪرنڌڙ ڦڙا.

ڪڙو آهي ڪيڙ ۾، ڏاڙهيءَ ڀنيو ڀيل،
اڃا اسرائيل، نالو جنهن ناهي ٻڌو!

وچڻ ڪاڻ ويا، آءٌ نه مڃان اوهري،
ها، ڪجهه ڏينهن پيا، مون بندر تي بيهندي.

* اي ڏيهي! مون پوڪيا ڪتنا جن جي ڪيت،
توکي اهڙا بيت، پيهر ملندا ڪينڪي.

آهي جهار اڃا آتي، اڳي ڪان به جهجهي،
ڪيئي ڏينهن ڏجهي، گلو آءٌ گهنگهو ڪيو.

** ونگهي توڙي وٽ ۾، جوڏر توڙي جتو،
مونکي کهڙي پتو، اڄ نه آهن آڏڙيا؟

آءٌ ڏسان تو پارڪر، متا مورين جيئن،
ٿر ۾ تورين ايئن، سر سنڀاهيا سامهون.

*** جنهن لئه ڪا سيما نه آ، آءٌ آهو پڙلاءَ،
توڙي آيرو واءُ، آءٌ اچان تو آپ مان.

---

* ڪتنا ـــ تلوارون.
** ونگو ۽ وٽ ـــ ٿر جا حصا
*** سيما ـــ سرحد

وڄن ٿا ويچار، لوڙھا ٽپي لوءِ جا،
ڪيئن ڪندين تو ڌار، اکين ڪان ڄجي اوڏڙا؟

آيلڙي آئون، ڇا تو چاهيان، ڪيئن چوان!
چنڊ تہ ڏنائون، پر پورا تي ڏرسيني.

ڏاهو ڪوئي ڏيھہ ۾ ورلي ٿئي ٿو فوتُ،
ڪنور پڳت موتُ، وڏرت ويندو ڪينڪي.

پيھر جنھن واريءَ مٿان ڦُٽري نہ پيئي،
آڏائي ويئي، ڏکڻ اولھہ جي هوا.

ورچيي ور ور ٿا ڏين، مون ڪي وراٺيون،
پيھا، ڪانپاٺيون، هڪليو هڪلن ڪينڪي.

ٽـوڻ، جيان ڪو ٽـوُنڪرو، اِن ڪان آجو ٿيءُ!
جيڏا اِيئين جيءُ، جيئين جهـُوتو واءُ جو!

گانءِ نہ ميڙي ڦر سوا، ڏهڻ ويل لتون،
مٿان پائيين ٽون، ڪٽنديِن ساڙي ڪير کي!

جيسين برسهي، بيهہ آپ مان لاهہ تہ آسرو!
گھر گھر مکڻ گيهہ، جهجهو ٿيندو جهانگيا!

چٽون ٽا چِڙهاءِ، ڦرڙا سارا ڦوڳ ۾،
سنگهارؤ سرهاءِ، او شل، گهاريو ڏينهڙا ! ۔

بگهڙ آيا واڙ ۾، پڪڙ پيڪان ڪن،
آچان ڏنارن، ناهن اکيون چنبيون!

* او شل تنهنجو جهيرڙو، ڪڏهن ڪونه سڪي!
ڏيندي لپ چڪي، ٽڪجي ٽڪجهين ڪينڪي.

جئن پٽجهڙ ۾ پنکڙي، پوپٽ جيئن لڳي؛
پيو جيءَ تڳي، اڄ به ڪنهن جي آسري!

ويهو ڪونپٽ اوت ۾، متان مينهن پوي،
پيو واءُ چوي، ساڳيا ناهن ڏينهڙا.

تنهنجو قدُ ڪچي وتم، پڙڪ جڏهن پاڻيءَ،
مون تي چو ٽاڻيءَ، پنهنجون ڳهليون ڳالهڙيون؟

مون ۾ ور ور وسوسا، پيا ڪن لتون؛
جهوڪون نه جهٽڪن، وڏين آهي واڏرو.

---

* جهيرڙو ـــ منڊيئڙو.

* ساڳيو ڏاپُورو، ساڳو پنڌ پهاڙ جو،
** اوناڙيءَ پُورو، جيڪو ڪيو ڪينڪي.

آن ڪي ڏسي ڪيترو، مون بنَ چاڪ ڪُرن،
هو جا ڪِهه ڪُرن، اُڏاڻي آڪاس ۾!

آج نه مڙهيُن مالَ، اج نه پونن اُنيون،
*** چرَوڙا ۾ لوٽيون، ڏني ٿيا سالَ،
ڪڏهن وسنديءَ ڏات تي، ٻيهر او ٻڪرالَ؟
آجُ يلائي يالَ، لَڳَهِه منهنجي لوء تي!

ٻاچاريءَ ۾ جوتجي، ويو آهين تون!
ميان، ماڻهن جون، ڪر ڪي مون سان ڳالهڙيون!

سچُ لتي جيِي سونهن ڇا، ڌرتيءَ ڪان آ ڌار؟
پُهُون ۾ پنوهار، وسائن ٿا ويِريون.

سنڌڙي ويچاري، ڪالهه ٻناٿيءَ جئن ڏني!
اُنيون اوناري، وڃن ٻيا وات تي!

---

* ڏاپُورو ـــ داٻلو
** اوناڙي ـــ اونارُ
*** چرَوڙا ـــ ڪير ڏهڻ لاءِ برتن.

* اوھاڙو ڏيئي ڪري، ٻيرو ڪنياڻون،
وچي لڏائون، آخر چورَ چڪارَ ڪَيَ.

واري ڇڏيو مون، توسان ملڻ آسرو،
پوءِ به تون ئي تون، ڇا جي لاءِ ٽنوار ۾؟

مون ڪي سمجھڻ ٿو گھرين؟ ڏنو ناهي تو!
ڪيڏو لڪي ٿو، گھايلُ ٽيٽيرُ گاهه ۾؟

** تنهنجي ويڙهي ۾ آئي، ڪُونياريا ڪيئي،
او شل ٿئيئي، تن مان آجي جندڙي!

*** پيئڻَ پيتلُ جيئن ڪو، نيپٽ انڌو ٿئي،
ورتي ديد ڪسئي، توڪان تنهنجي نظرئي.

شال نه وڍيءَ کي ملي، تو جھڙو جيوَڻ!
ميڙين ويٺو ڏن، پنهنجي ڏرتيءَ کي ڇڏي!

هي جو ڪاهوءَ جو دڙو، اُن جيَ مٽيءَ لپ،
جنهن تان منهنجا چپ، اُيري اُيرن ڪينڪي!

---

* اوھاڙو ـــ نانگ بلا جي ليڪي يا وهٽ، چور وغيره جي
پيري جي آڏ واڳ واري جانچ.
** ڪونياريو ـــ نانگ جو قسم
*** پيئڻ ـــ نانگ جو قسم.

مون ڏاھـر جي کوپڙيءَ ۾ جو پيريو جام،
پي پي تنهن مان عام، ڪيڏو آيو ڪيپ ۾!

اکيون ڪاڏي ٿيون ڏسن، آنهيءَ کي ڏسجاڻ!
ڪيئي نعرا پاڻ، ڪاڏي ڏسن ڪون ٿا.

ڪارا ۽ آڇا ڪڪر، اُتر اوڀر ڏي،
ڏکڻ-اولهه ۾ به چڙهي، پيو اُڀ گجي،
آيا ڏرتيءَ تي، برکا رُت جا ڏينهڙا.

تون ٿي پرجين ڳاڻ، پتاري! هين پوڻ تي!
منهنجو پيٽ ته پاڻ، پرجي ويندو تو ڏني.

اَجُ تو سِچ اُپاريو، ڏاها منهنجي ڏيھ،
ڳيرو ڪانهي ريھ، پوءِ به سمجهي سچ کي.

* پارڪ! جيئين پاڻ، وڇڙي وڃي وڳ کي،
گوندر ايئين پاڻ، سڀ کي ڳينواري چڏي.

ڪيڏا ساندارا آٿيي، ڪيڏيون پخالون!
پوءِ به ميان تون، ورت نه وجهين ڪوهه ۾!

---

* پاڻ — اَٽ جي هڪ وچڙندڙ بيماري.

رڳو رڳون ڪونہ تو، چِٽ ھٽي ٿاريَ،
سورُ چڏي ماريَ، ٿانگ ٻلاڻون ڪيتريون۔

* گهنگهٽ جو گهيراءُ، ڪيڏو ڪاريءَ رات کي!
ٿاھي ڪوبہ سماءُ، ڪيئن چئجي چا تو ٿئي!

تِتِرَ ٻچا تتريءَ، سان ٿا چوڳو ڪن،
پيا ڪئن نہ وچن، ڳھلا ماريءَ چار ۾!

جيڪر رهجي اُتِ، پاڻُ نہ پَنهي کو جتي،
ڪيڏي آهي ڪُتِ، ساٿي هن ساٿيھ ۾!

گهر ۾ گهاريندي، جي تون چاهين چَين کي،
مُنگهڻ ماريندي، چِچِڙَ لاهہ نہ چٽ مان.

* هيءَ جا ڏوڪر ٿانگ جي، اِن تي چرڪُ نہ پر!
ايءَ سَھيتي، ڪر، اونهاري ۾ پنڌڙو.

ڪيئي پانڌي ڪَڪبا، جڏهن تيندي وس،
پو بہ نہ چڏبا گس، بادلَ ڪونہ پَلائبا.

---

* گهنگهٽ — چهرو.

* جهڪي جهاڙولا جڏهن، پٽي پاتائون،
ڪيئي ٻلائون، تن تي وڃن تان وريون.

** ڳدا، گورهيڙا، پدم، جمهوڙي ۽ جهوڙ،
ڪنهن کي ناهه پروڙ، وره وراڪا ڪيترا!

هي جو سپ سراپ آ، تنهن کان آجو ٿيءُ!
جيارا! ائين جيءُ، جيئن نه ڏرڪين ڏپ ۾!

مور به ماري نانگ کي، چاهو به ماري،
هرڪو نهاري، وهه کان آجا ڏينهڙا.

ڏيتر ٻولي سينڌ تي، تتر ماراڻي،
تنهن کي پاراڻي، ماري چانديءَ جا ڇلا.

ماڪيءَ مکيون پر تي، آيو آهه بسنت،
آخر ٿيو آنت، سياري جي سيءَ جو.

ماڪيءَ ٻانارا، ٻر ٻر جن سان پيرڙيون!
تنهن جا سانپارا، آندا هيير ٻسنت جي.

---

* جهاڙولا — پيرن کان ڳوڏن تائين رڍ يا ٻڪريءَ جي کل مان لباس، جنهن تي نانگ جو اثر نه پوي.
** ڳدا، گورهيڙا، پدم، جمهوڙي ۽ جهوڙ — نانگن جا قسم.

پريا تَلَ تلاوَ، ڍيو گاهہ آگوندرو،
وڻ ٽِڻ ڪيئي ٻوڪيا، ٽيا سِينهن سِلاوَ،
ڀِرَن جا ڀَڙلاوَ، آيا ديس وڏيس مان.

* لوڙها ٽِپِي ”گهرڏٽي“، ڏرتيءَ ۾ ٻِرَ ڪن،
تن کان ٽا چِيرڪن، راڄ مهاڇڻ ڪيترا!

** ڪيڏي آئي ڪتِهہ، اُجيارِي آڪاس تي!
آنڌيارو نهہ پَتِهہ، ڌرتيءَ تي ويو ڇانئجي.

رَبّ بہ پنهنجي ڪانہ آ، ٻِئِي کان گهرائين،
هي جيڪي ڪائين، ٻيئي ويلا ٻاجهري.

توري لِهسِئِي لُوهہ ۾ ڪاڙهي منجهہ ڪڙهي،
*** ٻيئي پو بہ چڙهي، چاريءَ تي آسُوندرو.

مون کي او اوٺارَ، ڇا تون نينديں پاڻ سان؟
مون کي اُن جا پارَ، جيڪي آهِ وڃائيو.

---

* گهرڏٽي ــــ ڪوئا.
** ڪتِهہ ــــ ماڪڙ جا تولا
*** آسوندرو ــــ ولِ، جا چاريءَ ۾ ڪنڌيءَ تي چڙهندي
ويندي آهي.

'آن آهي ايمان آ'- اهڙو پهاڪو!
اُن جو پيو ڏاڪو، پيارا، ڇا تو تي سگهي؟

آج ته ڪاڻن تا پيا، ڪرڙن جا چوڏا،
آئي نه اوڏا، مارو منهنجي ڏيهه جا.

* هي ڪبريارا گهاگهرا، سرنديءَ واريون ڪن،
مون کي ويڙهيچن، ڪهرا اوڏڻ آڇيا.

مان جو آج ڪان آهيان، ٻه سؤ سال اگي،
مرڻ کي ايئن لڳي، هيءَ نه ڇڻ منهنجي ٿهي!

واريءَ واريا اوچتو، پيرا اُگهاڙا،
ڪيسين مون راڙا، توکي ڳولن رڃ ۾؟

ڪٿي پيرو ڪونه آ، وئينءَ تون ڪيڏانهن؟
ڏسان ٿو جيڏانهن، رائو آهي رُڃ ۾.

متان اچين اوچتو، مينهن ڦُڙيُن وانگرُ،
توسان منهنجو تَرُ، مهڪي منهنجي ماڳ سان!

اُتر-اولهه، واهُ! توڙيئي ڪيڏي مينهن کي!
پيهر مون سوداءُ، بوند نه وسندي ٻٽ تي.

* ڪريارا — پٽ جا، نفيس.

جيڪي مون سان ڪالهه، پنهنجي جو پوڻ تي،
ڪيئن ڳائيندا هيا، ڪتڙڪائي ڪڙتال،
تن ڪئن ايڏا سال، گُونڊر منجهه گنوائيا!

جيت ورئي ٿي گيت جي، ڳايو ڙي ڳايو!
چاندوڪيءَ ۾ چيٽ جي، جيڪر ورجايو،
سُرُ جو سمايو، ڀور نہ ڪاري ڀڪ ۾.

سهسين ٿيا سال، بوند نہ برسي ٻٽ تي،
ڳايو، آئي اوچتو، ڀھ ڀھ ڀڪروال،
پرجهي ويا بودِ ۾، مارو تو ڙي مال،
پارائي ٿي اِندلٺ، ڪڪرين کي ڪنمال،
ڏن ڏراڙن ڪان پڇو، اُني جا احوال،
نيٺ پيلائي ڀال، آيا مينهن ملير تي،

پڌر پيئي پٽ، ڏيئي نڪري روشني،
اُن کي ڏيئي وٽ، مور نہ موٽائي سگهي.

وري وڏيئہ جهل، آڌيءَ رات اُماس جي،
چا هيءَ تنهنجي ڀل، يا تون سونهون وات جو؟

هي جو تنهنجو پاڪڙو اِهو چا چاڻي،
ويندو سڀاڻي، ڇرڇم ڪندو ڇاڇري؟

ماڳ نہ ٿوڙي ويجهڙو، وِهان تہ وهلُور،
پرين ٿنهنجو پـُورُ، مون کي رکي پند ۾.

پاڻَ بہ اِيئن جيءُ، جئن بہي کي جيئڻ ڏئين!
پکيءَ پنڌُ نہ ٿيءُ، متان نارِ نهوڙئين!

جئن ايندِي ٿي مـُنهـَن ڏسن، منهنجي گهر سـَرِها،
آچن ٿا کـَرها، کـِرَهه نہ کر ڪامڻي!

هرکو مٽيءَ موٽڻو، هرکو ڏينهن بہ چار،
پوء بہ هاهاڪار، ڏاڍا وجهن ڏيهہ ۾!

پوئين ويرَ اچي وئـِي، پوري نہ ٿي سـَدّ،
آءٌ اُئين ٿي آڌّ، مـُئـِي شال سڄو ٿيان.

آچا ڪنهن تہ ڏني نہ آ، اُن جي ريٿـِي رُوءِ،
پر مون رت جي بوءِ، آچي پئـِي واءُ مان.

ڏسان تو هاڻي، آءٌ اُنهن جا اولڙا،
جيڪي سـُياڻي، جيڏا ايندا جـُوءِ ۾.

ڏسـِي چوندو ڪيرُ، ساڳي آهي سنڌڙي!
اِن ۾ ڦندُ نہ ڦيرُ، اوڏو آهي آچپو.

پوريون، پورا، کرڙ، ۽ خرزينون ڀرن جون،
هو جي ويا رڃ ۾، ڏرڪ نہ ڏنائون،
سوچي، جن کي مون، واريو ٿڌي ساهہ سان.

ساري رات، سکيءَ ساري کو سانگيئڙو،
ساوڻ تيج رکي، لڏي پئي پينگهہ ۾.

سدا اکين، آٿڙي، غريباڻي روءِ،
اميراڻيءَ کوءِ، لنگهہ نہ پنهنجي ليک ۾.

سڏ نہ ڏيان سرڪار کي، مون جن کا سرڪار!
منهنجي کنڌ ڪپار، چانئٺ کا آهڙي چمي!

آءُ اِئين آزاد، جئن هو پنڇي واءَ ۾،
پر تون مون کي داد، مور نہ ڏيندين جيئري.

متان راهہ ڏسي ونن، پٺ تي کيم نهار!
تن کي تون ڏيکار، آڏيون کري اکيون.

کارونجهر تي باهڙي، وسائي ناهي،
کنهن چاتو آهي، ڪڏهن مچ مچي پوي!

کارونجهر تي باهڙي، هوءَ کنهن دکائي؟
آڏيءَ جو آئي، جنهن سان چاڙ چراٽ جئن!

اڄ ٻه سارڻ ٿا آها، واريءَ تي ولهارَ،
چڙن جي چينگهارَ، ڪلهه جنهن من موهي وڌو.

دل تي پٿرُ رکُ، روءُ نه ايڏو روئڻا!
دل، جا ڪوئي ڪکُ، ڪنهن تي سهي ڪانه ٿي.

آڌيءَ رات اُماس جهڙي، وڃين تو ڪاڏي؟
هـَو گهوڙي تي، وري تو آهي وڌو!

---

(٥٠)

اجان تنهنجيءَ جوت سان، روشن هي ڳڙ ڪيون،
پر جي بند ڪيون، مون هي اکيون اوچتو؟

ڇا مون کان پٺو آپ ۾، ساڳيا ستارا؟
ساڳيا نهارا، ساڳي جهرمر جوت جي؟

* ڪري پيو ڇڻب مان، پکيءَ ڪانڪ ٿل،
اڏريو ايئن آجهل، ڏورانهين ڏهڪار ۾.

آڪٽ آهه آڪٽ، سپنو هن سنسار جو،
رڳو هڪڙي وک آ، تارن جو جهرمٽ،
ايڏو ڳوڙهو سٽ، ڪتي ڪتيان ڪيترو!

هو جو تنهنجو 'تون' هيو، ملندو جي، ته نه 'تون'،
تو ۾ منهنجو 'مون'، لوچي پيو لوچ ڪي.

اڳتي ڪان اڳتي وڃان، اهو ٿو چاهيان،
مان ته رڳو آهيان، پانڌي تنهنجي پند جو.

---

* ڪانڪ جي وڻ ۾ ڳاڙها ڦل ٿيندا آهن.

اڃان اڳتي آنهي، مون کي اچڻي ويجهڙو!
ڇا تون ساڳيو نانهي، جنهن سان منهنجو پريتڙو؟

توسان اِيئين روبرو، ننڊ ۾ منهنجي جاڳ!
تون جو منهنجڙي آڳ، ڇپيون ڇاڻ آڇاڻ ۾.

پيرن هيٺانَ تون، تون جا چوڏهينءَ چنڊ جئن!
ڪئن تون تاڻهي پئون، سٽينءَ چادرَ وانگيان!

ڪجهه ۾ نه هن ڪان پوءِ آ، پوءِ ۾ اِتيئي،
اِتي سپيئي، جي مون گهاريا ڏينهڙا.

ڪالهه ته مونَ سان گڏ هيا، ’سرمد‘ ۽ ’دارا‘،
جن ڪان آڌارا، ورتم پنڪ پسار جا.

مان ئي نيرو آپ“ هان، مان ئي ستارا،
ڪئن ڇئجي پيارا، آهي ڪير آڌار ۾!

آهيان ڙي آهيان، مان ئي ساريءَ سونهن ۾!
اِئن نه ڇئو ناهيان، متيءَ جي ماندڻ ۾.

مان ئي پيلو پن“ هان، مان ئي واچوڙو،
مون ۾ ويسوڙو، پاڻ سمايس پاڻ ۾.

روهيڙي تي واءُ ۾، ڇڻ ڪو ٽڏو ساهه!
ڪهڙو رنگ نباهه؟ نيٺ ملهي بيرنگ ۾.

* پرڪرتيءَ پيلاڻ ۾، پاڙوريءَ جو ٻور،
مان ويجهوئي ڏور، توسان تنهنجي وات ۾!

هو مندر جي ڪلس تي، آيو چوڏهينءَ چنڊ،
ڇڻ هي سارو منڊ، ڪنهن جي پوڄا ٿو ڪري!

مون ڪي منهنجي ذات تون، ننڊ ڪرڻ ڏيندينءَ؟
ڪڏهن ڇڏيندينءَ؟ ٿوري آڳ لائي ونان!

نيٺ نه نيهه، ڪونه آ، ڏانءُ هجني يا ڏن،
هي جو گنديءَ آن، ڪنهن سان هلندو ڪينڪي.

تنهنجو سپنو ٿي وئي، منهنجي ساري جاڳ،
پير نه روڪيا ماڳ، آءٌ اُٿين ٿي پنڌ ۾.

سپنو سپني سامهون، آهيون ڇڻ تو مان،
راتيون اِئن تو سان، مون گڏ گهاريون سندري.

---

* پاڙوري — ٽڙ جو هڪ وڻ جنهن ۾ پيلي رنگ جو ٻور ٿيندو آهي.

تون جا ساپيا ننڊ ۾، جاڳ اندر سپنو،
توکي ڳوليان ٿو، آڏيءَ اُٿي ننڊ مان.

تون جا مِنهنجيءَ ننڊ ۾، تون ئي آهيان مان،
تون ڪنهن سپني جان، مون مان مون ۾ ٿي جُڙين.

چانڊوڪيءِ ۾ چيٽِ جي، تيز وڏي باهوڙ،
ڪتيون هيٺ ڪروڙ، هيءَ آتاهين عرش جان.

چنڊ مٿان آ چوٽ جو، هيٺان هرڻ سِڱ،
لرزن پيا لڱ، منهنجا ڪهڙيءَ ڳالهہ تي؟

هيٺان روپي ريت آ، مٿان آڇائي،
ڪيڏي اِڪائي، آهي هن سنسار ۾!

* مالهاري وڻ تي پيو، ٻولڙيون ٻولي،
دروازا کولي، ڪنهن اونهي اسرار جا.

ڇا تون روز ٻُڌين نہ ٿو، مٽيءَ جا واڪا؟
ڪاڪا، ڙي ڪاڪا، ڪيڏون ننڊون تو ڪرين!

هر ٽِي ڦاٽي ڪوڙڪيءَ، اُن جو سارو درد،
ڪيڏو ناهي زرد، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي!

---

* مالهاري — ٽر جو هڪ پکي.

هرڻي، ڦاسيِ ڪوڙڪيءَ، ڪيڏو ٿي ڪڻڪي!
پٽ نہ ڪا پڻڪي، سانت وسي سنسار ۾!

مان چاهيان ٿو، چنڊ کي رات لڙيءَ لاهي،
سڀ کي وراهي، ڏيان مانيءَ کينَ جِئن.

جهڙو آءُ سمائيو، پنهنجي وائيءَ چنڊ،
اهڙو سارو منڊ، ڏسي ڏسندو ڪينڪي.

ڪيئي بار گسي ويِئي، مون کان سواري،
آئي مون باري، مون کي ننڊ ڪٿي وئِي.

هو جو وهٽ ويو پٺي، آن تي وڃان ها!
ساهي پيچان ها، ڪارونجهر جي ڪور تي!

ڇا هي مُنهنجو رتُ هو، آڏيءَ جو آيو،
جنهن کي موٽايو، ڪلهہ مون جاڳي ننڊ مان؟

ڇا مان آهوئي، وَرت وڏي جنهن ڪوهہ ۾؟
سارا پڻڪا پوڻ جا، پڏا جنهن، سوئي؟
جي مان پيو ڪوئي، ڪنهن ٿي پيتو پياس ۾؟

ڇا مان ئي آهيان، چاندوڪيءَ ۾ چنڊ جي؟
پر جي مان ناهيان، ڇا آهي سنسار ۾؟

اِن ڪان پوءِ لڳي پيو، اونهو انڌارو،
ڇا، منهنجو ڇارو، اڳتي ويندو ڪيڏانهن ڪيئن ڪئي؟

ڪيڏي اونهي 'ڏانهن'، هن ساري سنسار ۾!
'آنهه' به کهڙي 'آنهه' وسيهر ڄجي وٺت ۾!

ڇا ڪو ٻاهر آئيو، آهي اُن مان وير؟
ڏيرُ به کهڙو ڏيرُ، هن اونهي اوڙاهه ۾!

ڇانڊوڪيءَ ۾ ڇپٽ جيءَ، ڪوئي ناهه قرارُ،
نه ڪي موت نه پيارُ، ڪجهه به ته نه ٿو آڏڙي!

ڇا ڇا ڳولي نند ۾، دنيا آيا ڳيي!
هرڪو رمي راهه تي، سپني مان جاڳيي،
پڻ ءِ پاري ساڳيي، ساڳو سڄ ڪپار تي!

هي جو اونهيءَ ڪنڌَ ۾، آلاڻي ڇاهي،
اُنهيءَ ۾ لاهي، ڏسان پنهنجي پاڻ کي؟

ڇا هي پنهنجو پاڻُ آ، سچ پچ پنهنجو پاڻُ؟
ڇاڻُو اُن کي ڇاڻُ، ڇاڻَ نه جنهن جي عام کي!

جهڙُ هُيو يا اُبرڪو، ڪاڙهو هو يا سيءُ،
مون آندو پنهنجي ڳرءِي، توکي ڇئي "جيءُ"،
ءِ پو ڇيو، "پيءُ، آمرت آدجڳاد جو!"

چڙوا ڪوڙا ڪچ جا، کولن ڪرايون،
جيڪي سمايون، آڌيءَ جو اوڙاهہ ۾.

اڃان تون اوڙاهہ ۾، گهڙو گهورينديون؟
اکيون پورينديون، ڪڏهن پنهنجي انت تي؟

وينو آهين وات تي، آڌي آڌاٽو،
هر ڪنهن لاڌاٽو، هرڪو لڌي لوءِ مان.

ڇا ڪنهن سگهڙ سمجهہ سان، اُن کي سلجهايو؟
ڳجهارت پايو، هرڪو ويو ڳجهہ ۾.

ڪاڏي ٿا ڪاهين، ستارا، سنسار ۾؟
توٽا، ڦيٽا، توتڪا، ساڻهوءَ کي آهين،
ڏاها ڏس نہ ڏين، اونهي جي اسرار جو.

وڃو ٿا ڪيڏانهن، تارا اُڀتي اُپ ۾؟
سون کي بہ تيڏانهن، آڌيءَ رات اُماٽيو.

ڪنهن بہ نہ ڄاتو ڪونہ آ، اُڀتي ڇا آهي!
هو جو ڪاروڻيار آ، ڪاڏي تو ڪاهي،
آزل اَبد وچ تي، پيئو ڇو ناهي!
ڏس نہ ڪنهن ڏاهي، ڏنو اِن اسرار جو.

هي ڏي هڪ ماندياڻ آ، يا ڪيئي ماندياڻ؟
ڪائي ناهي ڄاڻ، ڪنهن کي ايڪ آنيڪ جي.

نظم، گیت ءِ وادون

●

آ رات لڙي اوڻار اچا
تن لاءِ پٽن ۾ ڳولن ٿا،
جي ڪالهہ گيرڻ مان نڪري ويا
۽ پنهنجو رستو ڦولن ٿا.

هُو آهن تن ”جا“ چنگ چڙا
جي تارن وانگر ٽمڪن ٿا،
هُو جهاپا جهوڙا. واريءَ تي
جي جهونجهڪڙي ۾ جهمڪن ٿا.

ڪنهن وقت لُريءَ جي لهرن ڪان
هو پنهنجا چهرا ويڙهن ٿا،
ڪنهن وقت ڏجهايل ڏاگهن ڪي
هُو هوريان هورياڻ ريڙهن ٿا.

اي آزادي! اي آزادي!
تون ڪيڏو ڏور لڳين پيئي!
هر اُڄ“ سهي هر بُڪ“ سهي
تون ايڏو ڪيئن تڳين پيئي!

ڪنهن وقت اچانڪ تون ايندينءَ
ڪا سڄ“ سُنهري شال ڏڪي،
تلوار هوا ۾ لوڏيندي
۽ لوئيءَ هيٺان ڍالَ ڍڪي.

●

ڪنهن ٽوهر هيٺان واريءَ تي
وسرامي آهيان روجهہ جيان،
ڇڏ سارا درد زماني جا
مون دور هٽايا ٻوجهہ جيان.

هن ڌرتيءَ تي دُک تاتيندي
ڪجھ پنهنجا ۽ ڪجھ دنيا جا،
ڪئن عمر اُڏامي ويئي آ؟
انسانَ ڪڏهن ٿيندا آجا؟

ڪو سُک جو ساھُہ به ڪٿبو يا
اِئن ڳهندي ڳاھُہ مري وڃبو؟
هي جوش اجايو آهي ڇا
ڇا مٽيءَ هيٺ ٺري وڃبو؟

يا گيت ڪڏهن جولان ڏئي
ماڻيندا ماڳُ اسان ڪان پو؟
۽ وسڪارا ٿيندا ٿر تي
۽ ڦرندو ڀاڳُ اسان ڪان پو؟

———

●

اي ديس! ڪڏهن تون آڻيندين
انبار گلَن جا مٽيءَ تي؟
مان اَجُ بہ ڏسان ٿو پائيندين
جي هار گلَن جا مٽيءَ تي.

جنهن وقت نہ هوندس آءٌ تڏهن
تون منهنجو قدر سڃاڻيندين،
پر پوءِ بہ دعا آ منهنجي تون
سُک آزاديءَ جا ماڻيندين.

مان هونءَ تہ تنهنجو راڳي هان
پر اڄ ڌائين جو ڳايو آ
مون اَن ۾ ساري ڌرتيءَ جو
چڻ پورو ڏُکُ سمايو آ.

تون نيٺ تہ مون کي ڳائيندين
۽ مون ۾ پاڻُ سمائيندين،
۽ مون جئن پنهنجي سيني سان
ساري ڌرتيءَ کي لائيندين.

تون راويءَ کي بہ ائين ڏسندين
جئن پنهنجي سنڌو دريا کي،

۽ سڀ تي نيٺ وسائيندين
تون منهنجي ساريءَ برڪا ڪي.

هن ساري ننڍي ڪنڊ مٿان
تون بادل وانگر ڇانوَ ڪندين،
۽ رَڪَّ مدائيءَ جي ميٺي
تون اُجرا سارا هانوَ ڪندين.

●

ڪيڏو نہ هوا جو شور هيو
چا چا چيز اُڏامي ويئي!
پر بہ ڪتان چڻ مولسريءَ جي
اڄ بہ سڳند اچي ٿي پيئي!

سرحد پار ڪنڊي ڳاڙيءَ ۾
پُراسرار خموشي آهي،
ڪائي سار ستائي پيئي
جنهن ۾ ڪا مدهوشي آهي!

انسان ڪڏهن پنهنجي وچ ۾
ڪيڏيون ديوارون ٺاهن ٿا،
هو پنهنجو ڪوٽُ نہ پرکن ٿا
چا سوچن ٿا چا چاهين ٿا!

* پر مولسريءَ جي خوشبو کي
ديوار نہ ڪائي روڪي ٿي،
سا خوشبو هرڪنهن جي آهي
چڻ ماڻهوءَ کي سا ٽوڪي ٿي!

---

* مولسري ـــ خوشبودار وڻ

تاريخ جڏهن سؤ سال وڏي
پٺ ڏانهن نظر ڊوڙائيندي،
ڇا ڇا سُور ڪتا ماڻهوءَ جي
تنهن کي اُن وقت نظر ايندي!

ماڻهو ڪنهن وقت مرون آهي
۽ هو ڪنهن وقت فرشتو آ،
ڇا هو نيٺ اِهو سوچيندو
ڇا لاءِ چئنو هُن رشتو آ؟

ڇا لاءِ چئنو هُن رشتو آ
رشتو جو صدين ناهيو آ،
ماڻهو ڪيئن ڏڪاري سگهندو
هن جو ٻه جڳن ڪان چاهيو آ!

——

●

هِين آپگهات ڪان بهتر آ
هو توڪي ڦاهي چاڙهن ها
ڪنهن گهاٽي ۾ پيڙائن ها
ڪنهن تيلَ ڪڙهائيءَ ڪاڙهن ها.

ٿو موت اچي هر ماڻهوءَ تي
پر هرڪو نندُ نہ ماڻي ٿو،
۽ هرڪو ساري جيون کي
نہ وَرِي سپني سان واڻي ٿو.

تون موت ڏسي گهبرائين ٿو؟
هي تنهنجو آنت تہ ڪونہ آهي!
بس ٿوري ساهي پٽڻي آ
جي ڪوئي اِن کي ساڃاهي!

هو توکي ڦاهي چاڙهن ها
تون ساهہ پٽين ها سُوريءَ تي،
۽ چندُ هلي ها توسان گڏ
جنهن وقت وڃين ها دُوريءَ تي.

هي چُوندَ تہ تنهنجي وس آهي
ڦاهو تہ سٺائو آهہ ميان!
جنهن آپگهات جو سوچين ٿو
ڪيڏو نہ اٺائو آهہ ميان!

●

جنهن وقت اُتي يلغار ڪري
هو آزاديءَ ڏي ڪاهيندا
هي ڪوٽ ڪروڙين ماروئڙن
۽ مارو گڏجي ڊاهيندا
هو نيٺ ته توکي چاهيندا !
هو نيٺ ته توکي چاهيندا !
اي آزادي!
اي آزادي!

هي جيئڻ ڪهڙو جيئڻ آ؟
هو ڳاهه سدا ته نه ڳاهيندا !
هو ڏور ته ناهن، نيٺ ڪڏهن
هو ٻُوٽاڙين کي لاهيندا !
هو نيٺ ته توکي چاهيندا !
هو نيٺ ته توکي چاهيندا !
اي آزادي!
اي آزادي!

اج هڪُ هزارين تي ويو آ
ڪنهن وقت ڪروڙين داهيندا،
هو سارو سچُ چئي ڏيندا
۽ اهڙو ساهس ساهيندا،
هو نيٺ ته توکي چاهيندا !
هو نيٺ ته توکي چاهيندا !
اي آزادي!
اي آزادي!

هو لال قلندرَ تي ايندا
۽ سنڌڙيءَ کي ساراهيندا،
۽ ميلا منهنجي مٽيءَ تي
لائي، هو لاڏا ڏاهيندا،
هو نيٺ ته توکي چاهيندا!
هو نيٺ، ته توکي چاهيندا!
اي آزادي!
اي آزادي!

●

توکان پوءِ بہ بارش تي آ
برکا جي رُت آئي آهي
قوسِ قزح جي پانهن ۾ پر
اڄ ساڳي رعنائي ناهي.

توکان پوءِ بہ مهتابيءَ ۾
محبوبيءَ جو جادو آهي
توکان پو بہ گُلاب ٽڙن ٿا
تن ۾ ساڳي خوشبو آهي.

پو بہ اُها خوشبو تہ نہ آهي
جا تنهنجن رخسارن ۾ هئي
جنهن کيئي گجرا واسيا ها،
ڪلهہ جا تنهنجن وارن ۾ هئي.

توسان آءٌ جواني پنهنجي
ڳوليان ٿو تہ بہ ڪانہ ملي ٿي،
ڪاهڪشان جي راهگذر تي
مان پانيان ڪا چيز تِلي ٿي.

تن ۾ تنهنجيِي رُويا آ ڇا
هو جي دور ستارا آهن؟
لهرون لهرون وار هوا ۾
پياري! ڇا هو تنهنجا آهن.

——

بسنت جي رُت اچي وئي آ
پرهه ڦٽي موتيا ٽڙن ٿا،
ڀونر مڙن ٿا.
اڳي ٻه اهڙي سڳند مون ڪي
بسنت رت ۾ جڏهن ملي آ
ته مون اُتي آجيان اُنهيءَ جي
نئين نئين گيت سان ڪئي آ.
خبر نه آ ڇو
ڪڏهن ڪڏهن ڀي
بسنتُ جو هيلَ آ هوا ۾
اُنهيءَ ڪان چرڪ ڇو ٿئي ٿو؟
گُلابَ ڪوئي جڏهن ڇني ٿو
ائين لڳي ٿو
ته گردنيون ڪيترين گهٽيءَ ۾
لٽاڙجن ٿيون اچان مٽيءَ ۾
بسنت جي ويلَ آ، هوا ۾
مگر اُداسي رچي وئي آ.

•

[سوات جي واديءَ ۾]

دور چنار مٿان آيو آ
ڳوڙهو ڳوڙهو چنڊ هوا ۾
ڇاجي لاءِ تڪين ٿي ايڏو
نئون ورني تون دُور فضا ۾؟

ٿاريءَ ٿاريءَ ياري ياري
سيب درختن ۾ لڙڪن ٿا؛
تنهنجي دل ۾ ڪهڙا جذبا
نئون ورني هر هر ڌڙڪن ٿا؟

کيت کيت ۾ سنگ ترن ٿا
نهر انهن کي پاڻي ڏئي ٿي
ڌرتيءَ جي سوغات ڏسي ڇا
تو ۾ ڪائي لرزش ٿئي ٿي؟

نئون ورني تون ڇا ٿي سوچين
سوچي اِئن شرمائين ڇو ٿي؟
پاڻيءَ ۾ پٿر اُڇلين ٿي
ڳالهه لنوائي ڳائين ڇو ٿي؟

●

چغل

ڪنهن دوست مٽان ڪنهن دشمن وٽ
هو چغلي ڪائي آيو آ
۽ ٻئي تي ڳوڙو ڳـنڍ وجهي
هن پنهنجو پاڻُ بچايو آ.

ٿو رات رمي هو چوپ جيان
۽ چند ڏسي ڇرڪ ڪائي ٿو؛
ٿو ڪيڏو منهن ۾ گهنڊ وجهي
جي ڪوئي پنڇي ڳائي ٿو.

جنهن وقت به پنهنجي دشمن وٽ
هو پنهنجو پاڻ وڪائي ٿو،
واسينگ اچي ٿو کو آيري
۽ هُن جو اندر ڪائي ٿو.

هُو آزاديءَ جو ويري آ
هُو جو ڪين پل ۾ گهاري ٿو؛
ڪنهن وقت اجل هن لاءِ اچي
تنهن ڪين پَل کي ميساري ٿو.

هي هُن جو لاش پيو آهي
جنهن آزاديءَ کي واريو آ

ٿِيي هُنَ ڪي ڌرتي جاء نہ ڏي
آڪاسَ ۾ شان ٿوڪاريو آ.

آزادُ رهِيي ٻہ تہ مرڻو آ
پر اهڙو موت آبد آهي
اي دوست! جيپاڻو ڪِن پڙل جو
ڇا جي آهي، ڇا جي ناهي!

●

هيءَ اَسان جياپو آ پيارا
جو ٿڙڪو آهي غنيمت آ؛
ٿي سرد سياري - رات اچي
بس ٿورو وقت حرارت آ.

ڪائي به بقا اِنَ ڪي ناهي
هي گهڙو واريءَ جو آهي،
ڪنهن وقت هوا جو ڪو جهونٽو
اِن گهڙي کي ويندو ڏاهي.

اِن گهڙي ۾ هي منهنجو من
ڪنهن ڪويل وانگر ڳائي ٿو،
اڄ رات اَٽي نيري نڀ ۾
هو سورج لئه واجهائي ٿو.

ڇا اُڀ ۾ هو اُڏري ويندو؟
يا پنهنجو ساٿ نڀاهيندو؟
جيسين جهونٽو تيز هوا جو
اِن گهڙي کي ڏاهيندو؟

———

●

جي هي منهنجو ڏيهہ تہ مون تي
پهرا ۽ بندوقون ڇو؟
جي آهيون آزاد تہ پو هئڻ
قيديءَ وانگر مان تون ڇو؟

آ هيڏو ڌهڪاءُ پلا ڇو
هو ڪنهن ڪي هيسائن ٿا؟
توکي هو خاموش ڪري ڪئن
روز ترانا ڳائن ٿا!

آءٌ آنهن جو ناهيان، ناهيان،
ناهيان، مان ورجايان ٿو
آزاديءَ جي رستي تي مان
اَجُ بہ وِکَ وڌايان ٿو.

شاهي رستو دور ڇڏي مون
جهاڳيو پنڌ پهاڙن مان
هو جو سوڙهو لڪُ وڃي ٿو
دور انڌيرن لاڙن مانِ.

اِن تي منهنجا پير وڌن ٿا
نيٺ تہ ايندو ماڳُ ڪڏهن.
پوهہ سدا تہ نہ رهڻو آهي
نيٺ تہ ڦرندو ڦاڳ ڪڏهن.

———

●

گيت

تون جي سمجهين مام ۾.
* ملبو آدِي گام ۾.

** تولئه تڪي ڪاسبو
ويني ڪٿن وسرام ۾!
ننڊ ٻه ڪهڙي تو بنا
آئي ڪٿي آرام ۾.

مون ٻان نڪري اي پرين
ڳالهه پُڳي آ عام ۾.
هرڪنهن ڏنو رات کي
چندرمان جي سام ۾.
ڪارونجهر تي چنڊ ٿو
لڙڪي ڪونيٽَ ـلام ۾.

——

* آدي گام ۾
** ڪاسبو ـــ ڪارونجهر جي ويجهو وَسنديون.

وائي

ديس منهنجو آهه هيءُ
ناهه تنهنجي پيءُ جو.

اُڃ ۾ منهنجي ڪليءَ مان، جي پيئڻ چاهين ته پيءُ!
تنگ هان تو مان، جنهن جي ڳوڙه تون چاهين، نه جيءُ!
رُڃ جا راهي! وڃين ڪيڏانهن تون، ڪنهن جو ته ٿيءُ!

●

تي لڪَ ۾ واري اُڏي
ڪوئي نہ آ
ڪوئي نہ آ

تي لُوءَ ۾ ڪا وَل لُڏي
ڪوئي نہ آ
ڪوئي نہ آ

ايندين ڪڏهن؟ ايندين ڪڏهن؟
هاڻي تہ سورج ٿو ٻُڏي!
ڪوئي نہ آ
ڪوئي نہ آ

توکان سوا تنهنجو پرين!
کو ڪيستائين سات ڏي؟
ڪوئي نہ آ
ڪوئي نہ آ

●

* جنهن وقت ڏهر ۾ ڪَنڌي تي
تو چنڊ آيري، مان روئان ٿو؛
۽ چوڏرو چوڏرو واريءَ تي
آن ۾ چمڪي، مان روئان ٿو.

جنهن وقت سُرري هو چارين ۾
تو واجهه وجهي، مان روئان ٿو.
ڏس ڪيڏا ڪُونيٽ روئن ٿا
تو ٿر روئي، مان روئان ٿو.

تون ڪانءِ اچين ٿي سانورڙي!
ٿي رات رڙي، مان روئان ٿو؛
تو سُنهن ته نه موڙيو آ مون ڪان!
تولاءِ تڪي مان روئان ٿو.

---

* ڪنڌو — ڇاڇري جو ڏاڪڻو ۽ ننگرپارڪرجو آترين پاڳو.

●

فانُوس ڪٿي هُو چندُ مٿان
ڪنهن لاءِ ڦري ٿو ڳليُنِ ۾؟
ڪا پياس ڏسي، آ آڻ ٿڃڻ ۾
چو سارو پاڻي ٻليُن ۾؟

تون اچٽي آن، تون اچٽي آن
مان تنهنجي راهه نهاريان ٿو؛
’هيءَ تون ناهين‘، ’هيءَ تون ناهين‘
مان ماڻهو ماڻهو واريان ٿو.

ايندينءَ تہ سجائي ويندينءَ تون
مان سارو تنهنجو سپنو هان
هُو چنڊ ٻڌائيندو توکي
مان تولئہ راتيون جاڳيو هان.

مان تنهنجي لاءِ اُڃايل هان
تون منهنجو امرت ٿيُ ايندينءَ؛
جا تنهنجي لاءِ آڪيُن ۾ آ
سا منهنجي پياس پروڙيندينءَ.

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي
پر مان تولئہ مدماتو هان،
آ توڙي پويون پهر پرين!
تولاءِ اڳي جئن آتو هان.

———

ای ڏيس اُهوئي راڳي هان
مان تنهنجيءَ ساري پيڙا جو
زنجير ڇني سارا اُن تان
جنهن پنهنجو گيت ڪيو آجو.

جنهن آزاديءَ جي رستي تي
آ توسان سارو پنڌُ ڪيو
۽ مرندي تائين مارڳ ۾
جنهن توسان هي سوڳند ڪيو،

”مان هونءَ پراهين پانڌي هان
پر توسان سات نڀائيندس،
مون لاءِ ته پين پين گيت هيا
پر مان تولئه ئي ڳائيندس.“

جنهن وقت پوان مان ليٽي، تون
هي تنبورو سيرانديءَ ڪان،
سيڪائي جنهن کي پي ڏيندين
ڪو ساڙُ نه ٿيندو مون تنهن سان.

مون لاءِ اِهوئي ڪافي آ
مون تنهنجو سات ڏنو آ،
آ تنهنجي آزاديءَ جو ئي
مون جيڪو گيت ڇيو آ.

———

●

سون شعلا شعلا گيت ڇپيا
جئن تنهنجو چارُو روشن ٿئي،
جو ڪارونجهر تي دور وِيو
سو رستو سارو روشن ٿئي.

جنهن وقت انڌيري راتين ۾
گهنگهور گهٽائون ڇائينديون،
تنهن وقت سموري ٽَر ٻَرڪي
هي روشنيون دڳ لائينديون.

ڪنهن وقت نگر تي نينگرڙا!
سڀ چارا چنڊ پسائيندو،
تون پنهنجو گهر ڳولي لهندين
هُو تنهنجي گهر تائين ايندو.

تنهن وقت وسارين هيءُ متان
ڪنهن وقت گهٽا جي گهيري ۾
ڪنهن مشعل تنهنجي لاءِ آندي
ڪنهن آڌيءَ رات انڌيري ۾!

———

●

هي جو منهنجو ورثو آهي
تنهن کي ڪيئن وساريان آئون!
تو ڪان دور ’ڪبيرا‘ آهي
چڙ منهنجو من گائون مائون.

مان ئي هِمُو ڪيلاش ته آهيان
مان ئي مانسرووَر آهيان
توڙي سنڌوءَ جي چولي هان
توڙي سنڌوءَ جِني چِـر آهيان.

مون ڪان ڪنهن تاريخ کسي آ؟
توڙي آءٌ نراس نه آهيان،
اوچو آ آڪاش جيان جو
مان اهڙو وشواس ته آهيان.

مسجد جا مينار ٻـَرن ٿا
صبحُ شوالي تي نڪتو آ،
آءٌ ڏسان ٿو برفُ رجي آ
سجّ همالي تي نڪتو آ.

ماڻهوءَ جي من-ورتيءَ وانگر
دنيا نيت بدلجي ويندي،
ڏرتي نيت ’ڪبيرا‘ تنهنجهي
چرخي وانگر پيار ڪتيندي.

●

اهو چنڊ ۽ رات اڳ جيئن آهي،
اسان جي ملاقات اڳ جيئن آهي؛
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونہ آهين!

اهو گيت مون چڙ اڳي ڪٿ ٻُڌو آ
اها ذات؟ ها ذات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونہ آهين!

اهو ساز، آواز ساڳيو تہ آهي
اها موت جي مات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونہ آهين!

پريان ڪيرڙي تي ڪڪرَ ڪورَ سا ڳيي
لڳي ٿو تہ برسات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونہ آهين!

اها پياس جي آس ساڳي تہ آهي
اها ڏونس ۽ تات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونہ آهين!

اها ناو ۽ نوش ٻون اڳ ڏني آهي
خصوصاً خرابات اڳ جيئن آهي.
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونہ آهين!

●

هي ٻنّيءَ تي چنڊ آهي
هيءُ نيرو سنڌ آهي
مان نہ آهيان
مان نہ آهيان

رات، ڪيڏي رات آهي!
مان نہ، منهنجي ذات آهي!
مان نہ آهيان
مان نہ آهيان

ڪاروان اڳتي وڃي ٿو
ڪالھہ ڪان اڳتي وڃي ٿو
مان نہ آهيان
مان نہ آهيان

مان تہ نيرو چنڊ ناهيان؟
مان تہ سارو سنڌ ناهيان؟
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!

مان تہ ڪاري رات ناهيان؟
ذات جي ٻاراٿ ناهيان؟
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!

ماڻ اڄاڻ اڳتي وڃاڻ ٿو؟
انت ڪاڻ اڳتي وڃاڻ ٿو؟
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!

●

آءُ تنهنجو مُنهن ڇُهان ٿو
۽ ڇَپن ۾ ڪُجهه چوان ٿو،
”ڪيرَ آن تون چنڊ وانگر؟
”دور، نيري مَنڊ وانگر؟
”تون هتي مون ڪي مِلي آن؟
”يا اڳي گڏجي ڪِلي آن؟
”ڪهڪشان جي راهه تي تون
”اڳ به مون سان گڏ ٽِلي آن؟
”ها، اِهي تنهنجون ادائون
”مون ٻُڌيون جن ۾ صدائون
”ڪنهن صدين جي ساز وانگر!
”دور جي آواز وانگر!
”آ سُڃاتل روپ تنهنجو
”ڇَوُ، ڪٿي مون سان ملي آن؟
”ڏِتِ ۾ ڏيئا ٻرن ٿا
”ڇَوُ، ڪٿي گڏجي ڪلي آن؟“

وَري رات ڳولي ڀڄي ڪُنّ ڪيڏا
مٿان آڀّ اوڙاهہ ۾ جي ڦرن ٿا!
نہ معلوم سي سَچُّ يا ڪوڙ آهن
ٻہ ٽي ٻولَ ويساهہ ۾ جي ڦِرن ٿا!

نہ معلوم تون مان اِئين ڏي ملياسين
وڇوڙو رڳو جيوَ جو ڀاڱُ آهي!
نہ معلوم تون مان رڳو رَڪّ ناهيون
نہ معلوم پنهنجو ڪٿي ماڳ آهي!

نہ معلوم هي چاندني رات، ڪائي
ڳجهارت ڏُٺي يا ڳجهارت سُلهي ٿي!
مماتي رڳو آڌَ-ڀُڙي آهہ پياري
حياتي جتي دم پٺي، پو هلي ٿي!

رڳو رات رهندي انڌيري، ڪٿي ڪو
نہ تو جيئن هوندو نہ مون جيئن هوندو!
وري ڪونہ مليو! وري ڪونہ مليو!
اِئين ڪيئن هوندو! ائين ڪيئن هوندو!

موت ڪائي شيءِ نہ آ

زندگي آزاد پل جو نانءُ آ
ناهي ماھ و سالِ جي اِن ۾ ڳڻپ،
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

ڏس اِهو ڪنهن وقت ڪو ماڻهو هيو،
هيءَ جا مُٺِ ۾ مٽيءَ جي آهہ لپ
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

موت هرڪنهن تي اچي ٿو نيٺ ڙي!
ڏپ! ڪهڙا ڏپ؟ ڇاجي لاءِ ڏپ؟
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

ڪيستائين ٿو وڃين گهوڙي سوار؟
زندگيءَ ۾ گيان جي ڪيڏي نہ ڳپ!
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

رُوح جي خوشبو رهي ٿي واءُ ۾
هي بدن آ ڌوڙ ۾ ڪيڏي نہ ڏپ!
موت ڪائي شيءِ نہ آ
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

●

نه ڄاڻان ته مون سان ڪڏهن تون ملين؟
وئي آن ته تنهنجو وڇڙڻ ڪونه آ!

رڳو سڄ ٿي سڄ آهي پري
رڳو رڃ آ، ڪو هرڻ ڪونه آ

رهي ڪجهه آئون، ڪيئن چئجي ته ڇا!
وڃي وقت جهڙو پڇڻ ڪونه آ.

ڇڏون ٿا ته آ رڪ تنهنجو سرير
سنڌ آتما جو پڇڻ ڪونه آ!

ڇون ٿا نئين زندگي آ اها
ڇون ٿا ته ڪنهن جو مرڻ ڪونه آ!

ڇون ٿا ته ڏاڍو اتي ٿي ته آ
ڇون ٿا ته اُن جو ترڻ ڪونه آ!

لڳاتار آهي سفر جندڙي
ٻه ٽي ڏينهن پيرو پرڻ ڪونه آ.

●

(وائي)

ڪوئي تہ ٻُڌائي پارَ

مون کي هن پرڏيهہ جا!

ڪاڪِ تـَڙين تو ڪا ڏني مومل اي اوتارَ؟

کهڙي ڪُنَّ سمائيا هو جي منهنجا يارَ؟

هي کهڙو درياهہُ آ جنهن جا آرَ نہ پارَ؟

ڇا ٿو ڳولي واڙو چَنڊُ ڦري چوڌار؟

وائي

هي جو اونداهو، رستو آهي رات جو
سيجَّ سُنڌهرو ڏينهن هُو جيونَ جو چا هو؟
ايڏا ڳَل ڪاڏي ويا ڏَسُ نه ڏِي ڏاهو؟
ڪيرُ پلينڊو پيار جي آڌر تان آهو؟
اي دل! پوئين پهر ۾ ڪهڙو ڪُرلاهو!

وائي

سنجهڙي سنيُوڙا،
وڃن پيا، واڻ تي
ڪَجاوَن تي ڪيترين جهمٽيون ۽ جهُوڙا!
سُنَ سمايا پاڻ ۾ ڪيڏا واچُوڙا!
سپنا سارا سونهن جا سَچا يا ڪُوڙا،
پوءِ بہ چوڏهينءَ چَنڊ ۾ پَرن ٿا پُوڙا!

(رشيد ڀٽيءَ جي ياد ۾)

پَـٽيءَ کي ٻيهار، ڏاڍو تيز وڄي پيو
ڇڻ سانوڻ جو چنڊ ٿو، ٻيهي نه ولهارِ
چوي پيو: ’چار، آهيان پهر ڇمار جا۔‘

ڀٽي! منهنجا يارَ، پاڻ ڇڏائي ٿو وڃين
ڏس هي ڪيڏا بارَ، سڀ تي ڏُکي ديس جا!

ڀٽي! تنهنجي ٿڪ ۾، ڏاهر جا ڏهڪارَ
ڇِـپَّ ڪَـيئَه ڪئن يارَ، ڪيڏي مات اچي ويئه؟

هيڏا ڏرتيءَ جا نيـِـٽرَ، ڇني ڪيئن سگهين؟
ڪيڏو تيزُ وئين، پيارا سڀ پاسي ڪري؟

ڇا تون وئين سو وئين؟ وري ورندين ڪونه
ڇا هي ڏرتي تو نه، ٻاريندي سڏڪا پري؟

ڏرتي ڪوئي ڏير، متان آءٌ ٻهي پوان!
منهنجي نيٽين نير، ڪيڏو آجهل ٿو رهي!

چِني گُلَّ گُلاب جا، ڪَيئي ڏارئون ڏارَ
اڙِي موت! ميارَ، ايڏو ساڙ سڳنڌ سان.

هي جو هر ڪنهن کي ڏسي، تنهن کي ڏسي ڪو
جڳُن ڪان ڪيڏو، متو آهي ملاکِڙو!

●

نظم

اورنگيءَ جي اوٽَ ۾، پري تو سنسارُ
ڪائي نار چڙي وڏي، نئون چايل پارُ
کھڙو ڦول قرار، سوچان تو اِن سان ڪيان.

هي جو نئون پار آ، جنهن جو پيءُ نه ماءُ
اَن جو کھڙو پاءُ، ٿيندو منهنجي ڪُلّ مان!

اهڙيءَ ڳليءَ چائيو، هاڻ نياڳو ڇو
جا ڪنهن تاريءَ وانگيان، جنهن جو نه ٻُوٽو؟
آهي رتّ رَتو، توڙي ڳُلُّ گلاب جو!

تڙي پونديون تاريون، ايندو نيٺ بسنتُ
پوءِ به هين جو انتُ، ڦِٽهي ڪيل ڦُول جان!

——

●

(آزاد نظم، ترجمو)

ايڏي اونهي ڪانهه آ، ڪائي به ڪاهي،
تو مان جهي چاهي، ٽيندي پار ورانگهه سان.

اهڙي اوچي ڪانهه آ، ڪائي به ديوار،
پيارا ٽپي پار، پونداسين جهي چاهڀون.

اهڙو نه طوفان آ، نه ڪي انڌيرو
چاهيون ته پيرو، چڙهو رهندو پريت جو.

جي تاريلي رات آ، ناهي چندرمان،
پوءِ به اسان سان، جوت ته آهي جڳ ۾.

سيڙهي ڪائي سانورا، ڪوئي ته آڌار!
پهچڻي تو وٽ پيار، جهڙل نه جنهن جي جيءَ ڪي.

———

جنهن وقت تري ۾ آئينو
چمڪي ٿو، چنڊ ڀسائي ٿو،
جو ڪوسُ پرياڻ ٿو پاڻيءَ مان
سو چانڊوڪي ڇُلڪائي ٿو.

آ ڪوهه جيان ٻولي، جنهن مان،
ٿو جيڏا پنهنجا ڏانوَ پريان،
جَر وٽرو اُن ۾ جرڪي ٿو
ٿو چَنڊُ ڀسائي پاڻُ ڀريان.

اِئن عمر وهامي وئي آ
تي پياس وجهائي ڪوسَ نوان.
هُو چَنڊ اُتي ئي ٻيٺو آ
هو چَنڊ تري ۾ آهي اڃان!

●

آهي ڪاريءَ رات جو
پويون پهر اڃان
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

هڪ هڪ ٽيندا ٽا وڃن
ڪيسين روئان مان
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

اڃان پنڌ پُنو نہ آ
آيو موت مٿان
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

ڪاش! پريںءَ جي پار کي
اکين آءٌ ڏسان!
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

ساڪِي ستارا تجو
جي مان پنڌَ مران
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

١

ڏاڳـا ڏوپ نہ واسيا، ساڳيون جٽائـون
آءٌ آئين ٿي پنڌ ۾.

موتيو ناهيان ماڳ ڪي، ڏور ڏسي آئون،
آءٌ آئين ٿي پنڌ ۾.

پـار اهوئي آ پـرين، ڪهڙيون پُڇائون؟
آءٌ آئين ٿي پنڌ ۾.

توسان منهنجون سانوري لـوئيءَ ۾ لائون
آءٌ آئين ٿي پنڌ ۾.

واڳي ڙُني واڳي

توسان پُڻ ۽ پنهور جي.

چنڊ بہ ڪنهن سُرپات ۾، ڳالهہ ڪئي ساڳي،

ساري رات رمي وئي، جوڳين لئہ جاڳي،

ڪڏهن ايندا اوچتو، پره جا پاڳي؟

تمڪي پئي باهڙي، ورندا ويراڳي،

هي ۽ جا منهنجي سنڌڙي ناهي نياڳي.

وائسي

وڻُ تہ اڃان ساڻو
پکڙا پراهان تي ويا،
پنهنجو پنهنجو ٿو ٿئي، هي سڀ پرائو۔
پرکي ڏِسُ اي ڏيس تون ڪِرو ۽ لائو!
ڪئن ڇنجي ڪنهن وقت ٿئي موتيءَ ميڙائو!

●

جَڙوُن مون کيئي
پهتيون جي پاتار ۾،
هُو جي مون کان ڏُور ها ويجها ها سيئي!
او، جا مون کي راتڙي ٻَريـَن ريءَ پيئي!
تون، مان، ڳاڙهو سـِجّ، آج اوندهہ ۾ تيئي!
پڙُ پـريان جي پـارَ ڏي، متان ملئي!

——

●

اچين ٿو اونارَ
جهنُوڙا جهمڪن تا پيا.
آءٌ اُفق تي ٿو ڏسان ڳاڙهي سج ّ اُپارُ!
او شل ڏسان جيئري هُو جي مون ساٿيارَ!
او شل اَيرن اوچتو ڪِڪر ڪارونيارَ!
ڌرتيءَ منهنجي مينهڙا وَسن ويروتارَ.

——

سپنا سِگهيرو

ڄڃي تون ساپيا تي وڃين!
متان موٽهي ماڳ تان، پنهنجو هي پيرو!
ميٺي اُڏي ڪيٿري، تَنَ نه مون ميرو.
ڪڏهن ٿيندو ديس تي ڳاڙهو سويرو؟

●

منهنجي پيرانديءَ ·
ڪيئي ڏاها ڏيهه جا ·
شاهه عنايت جهوڪ جو منهنجي سيرانديءَ،
ڪيڏي سِڪ سڱنڊ آ آزاديءَ آندي!
ڏرتي منهنجي ديس جي هاءِ نہ هيڪاندي،
اڄ بہ منهنجي مارئي اڳي جئن ماندي.

———

٤

وَري هو ڦَرڙا
وڃن پيا وات تي.
وَري ساڳيءَ وَيڙهه ۾ آيا ولرڙا،
ڪارونجهر تي ڪيترا ڪُونڌر اڄ ڪَرڙا،
آڏيو آڏيو مارُوئڙو ڀيهر ٻُپ گهرڙا!
مون ڏاڏاڻي ڏيهه ۾ ساوا سگرڙا،
ها، پَر پيرين ديسڙا توکي نِيَرڙا.

———

وائـي

سڀ ڪان وڏي ڳالهہ هيءَ
آهين ڪهـڙيءَ پَـر؟
ڪهڙي ماٺِ مُـنـِي ميان!
اُٿـي ڪنهن اعـلان سان
چُـونڊَ چڱيـري ڪَـر!
ڪهڙي ماٺِ مُـنـِي ميان!
هو جو چنڊ اچي ڪَـري
دانُ گهـَري تـو دَر!
ڪهڙي ماٺِ مُـنـِي ميان!
اُن جـي جهولـيءَ روشني
تون بہ تہ پنهنجي پَـر!
ڪهڙي ماٺِ مُـنـِي ميان!

انٽرنئشنل

ٻُڪ وگهي چا چا نہ ڪَيو تا
ڌرتيءَ جا مظلومو جاڳو!
آزاديءَ اعلان ڪري اڄ
دنيا جا محڪومو جاڳو!
ماضيءَ جون محروميون واريو
جاڳو اي محرومو جاڳو!

يارو، نيٺ تہ ٽيڻي آهي
ڌرتي پنهنجي ڏان-ڏياٽي
هاڻي ڪجهہ ٻہ نہ آهيون، پو ڇا
نيٺ تہ پنهنجي آ سرواڻي.

نيٺ غلاميءَ جون زنجيرون
هن ڌرتيءَ تي ٽوڙيندا سين،
ڇا ٻہ هڄي تقدير، اُنهيءَ کي
محنت ڪش گڏ موڙيندا سين.

اهڙا ڪُورا ٻاريندا سين
اهڙو لوهہ ٽپائيندا سين
هر ڪنهن کي آزاد ڪندا سين
پنهنجي سگهہ مڃائيندا سين.

هي سارا قانون نگريءَ جا
جاندهم وانگر جي پيٽن ٿا،
هڪ پيرو يلغار ڪيون جي
پنهنجي سامهون ڪٽن ٻيهن ٿا.

ڏونگ رياست آهي هرڪا،
سرمائي وارن جي ساٿي!
هي سارو انصاف اُنهيءَ جو
آ چڙ ڪوئي اندو هاٿي.

اُن جو فرض اهو آهي ڇا
روز غريبن کي ڇيٽاڙين؛
ڇرچ ڏين جي پيسي وارا
ڇيتي جئن هوءَ ڇيري ڦاڙي؟

جنهن جو ڪوئي فرض نه آهي
تنهن جو ڪوئي حق نه آهي؛
هاٿي ڏن نه ڏيندا سون ڪو
جي سڀ هڪجهڙائي ناهي.

هي جي شاهنشاهه ڏسو ٿا
سڀ ڏي انگ اُگهاڙا آهن،
سڀ ڏي پنهنجو رت پين ٿا
سڀ پورهئي تي ڌاڙا آهن.

آجُ جاري فرمان ڪيون ٿا
ڏاڙيلن کان سڀ ڪجهه کسجي،
اونهيءَ اوندهه کان پاسي ٿي
جڳ کي واٽ نئين ڏسجي.

ڏور هٽايو هي خوشبويون
پنهنجي سگهه وهاڻ واريون؛
اي مجبورو! ڳالهيون ڳايو
ڪوٽ ڪڙن کي ڪاٽڻ واريون.

سچ - سپاهي اڄ ڏاڍن جي
گڏجي همٿ ٽوڙيندا سين،
ماڳ اسان جو ساڳيو آهي
مُلڪ اُنهيءَ ڏي موڙيندا سين.

محنت ڪش انسان اسان اڄ
ڌرتيءَ کي اپنائيندا سين،
ويچو وچ ۾ ڪوبه نه رهندو
سڀ کي سيني لائيندا سين.

ڏنُ ڳيجهن جو ڳاهه نه ٿيندو
ائين سڀ ڏنُ ورهائيندا سين،
ميلُ به پنهنجي، ڪاڻ به پنهنجي
ڪيت به گڏجي ڪائيندا سين.

سڄو سياڻي آيري پنهنجون
روشنيون جو ڦهلائيندو،
هرڪو ڌرتيءَ تي خوش هوندو
آزاديءَ جا ڳڻ ڳائيندو.

محنت ڪش ساٿي مزدورو
پنهنجي ويڪ وڏايون ٿا اڄ،
ساريءَ ڌرتيءَ لاءِ ترانو
سڀ ئي گڏجي ڳايون ٿا اڄ.

آيو آڏارون ڪائي آيرو!
طوفانن جئن جهومو، جاڳو!
ڌرتيءَ جا مظلومو جاڳو!
دنيا جا محڪومو جاڳو!
جاڳو اي محرومو جاڳو!

---

* مزدورن جي قومي تراني "انٽرنئشنيل" کان متاثر ٿي لکيو ويو.

●

ٿا چانڊوڪيءَ ۾ ڏيکُ ڏرين
جنهن وقت پٽا وارياسي جا،
تنهن وقت لڳي ٿو هي رڻ پٽ
ڪنهن چيٽي جئن آزاني آ!

ڪنهن وقت ته پنهنجي ننڊ منجهان
هو آپري ايندو چال ڏئي،
سو وقت ته ايندو نيٺ ڪڏهن
آ ٿوڙي آن ۾ دير پئي.

اڄ ننڊ ٿٽي آهي ته سهين!
ٿو چيٽو ڪرُ ساهي ته سهين!

——

●

چيچُن منجهہ چڇُن

ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا

وکون پيون واٽ ڏِسي وِپرانڱ ويـر وڏن،

اجهو ماڳ اچي ويو، دليون ٿيون دهڪن!

روهيڙي جـِـا گلـڙا سانـوڻ سنگ ٽيڙن!

ساپيا سان سرچي ويـا سپُنا سانگيئڙن.

سُرخ گهوڙي سوارَ!
پنڌ تنهنجو پري ڪيترو آ اچا؟
ريت پيئي ٻَري سِجُ آيو ڪپارَ،
نند ۾ هر طرف ڏر تتيءَ تي ڏنارَ،
ڇانورا سيِ ڇڏي تو وڃين تيز يارَ.

●

جي نہ مان تنهنجو ضمير
مان لکان ڇالاءِ ٿو؟
ڏؤر! تنهنجي قيد ۾ جي مان بہ پين وانگر اسير
مان لکان ڇالاءِ ٿو؟
جي نہ آزادي اُنهيءَ ۾، آهي جو منهنجو خمير
مان لکان ڇالاءِ ٿو؟
ڪا گهري قيمت نہ ان جيِ، ساهہ منهنجو يا سرير
مان لکان ڇالاءِ ٿو؟
شعر ڇاجي لاءِ جي، اُن ۾ ڏرتيءَ لاءِ ڏير؟
مان لکان ڇالاءِ ٿو؟
مان لکان ڇالاءِ ٿو؟

●

ساري قوم ٻه ظلم ڪري ٿي
اوچ ٻه ظالم نيچ ٻه ظالم.

نيچ ٻه پنهنجي نيچائيءَ ۾
اوچائيءَ احساس رکي ٿو
تنهنجو تن ته هڏائون پڃرو
هو ڪجهه ٿورو ماس رکي ٿو،
جيڪي هن جو رت پيئن ٿا
تن ۾ ئي وشواس رکي ٿو.

اوچ ٻه ظالم نيچ ٻه ظالم
ساري قوم ٻه ظلم ڪري ٿي.

تنهنجي رت پيئڻ لئه گڏ آ
پنهنجن رت پياڪن سان هُو،
توکي دوست ڪٿي ٿو سمجهي
خوش آ پنهنجي دشمن سان هُو،
جڻ تون کو آئينو آهين
جنهن ۾ آهه درندي جان هُو.

تنهنجي روٽيءَ سان پنهنجي جو
توکي ريٿي، پيٽ ڀري ٿي،
ساري قوم ٻه ظلم ڪري ٿي
اوچ ٻه ظالم نيچ ٻه ظالم.

———

ڀلڻا مو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢٠	١٢	آڪڙين	آڪڙين
٣٣	٧	ڇرڪيو	ڇرڪي
٣٥	٢	واٽ	واٽ
٣٦	٣	جاريُن	چاريُن
٣٧	٦	اُڄ	اُڃ
٣٧	١١	ٿويا	ٿيا
٤٣	٧	سارن	ساريُن
٤٣	١٧	سارن	ساريُن
٤٧	١	جو	جوُن
٤٨	١	سنجري	سنجهي
٤٨	١٤	واريءَ	واڙيءَ
٥٢	١٢	پانهون	پانهيون
٦٢	٥	پٽ	پٽ
٦٤	١١	جيئن	جيئين
٧٤	٩	نيپٽ	نپٽ
٧٦	٥	پچلا	پچا
٧٨	١٠	توزي	توڙي
٨٠	١٢	ڏنَ	ڏنَ
٨١	٣	ايئن	ايئين
٨٢	١٧	چاڻ	چاڻ
٨٣	٦	هو	هتو
١١٣	١	ڇنڊ	ڇنڊ
١١٥	١٦	انڌيري	انڌيري
١١٧	١٦	آهي	آ
١٢٠	١٥	ڏتِ	ڏتِ
١٣١	٩	آ	آهي

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، کِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ چاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)